ڪونج

سنڌي اَدبي ڊائجيسٽ



Vasdev Mohi

واسديو 'موهي' خاص انڪ

KOONJ

ڪونج ادبي ڊائجيسٽ

برپا ڪندڙ : هري موٽواڻي 'سنڌي'

ڏياري (آڪٽوبر) 2006

سال : 47 - پرچو : 5

لائيف ميمبر : 500 روپيا
(50 سال واري پرچي تائين)

هيءُ پرچو : 30 روپيا

ڇپيندڙ : شُڌا آفسيٽ،
اُلهاسنگر - 3
فون : 2560465

•

چيف پيٽرنس :

شري رام چينملاڻي
شري مورجمل منگهناڻي
شري لال هرداساڻي
شري نوتن تولاڻي
شري رام دادلاڻي

**KOONJ** (Estd. 1960)

*Founder Editor :*
**Hari Motwani "Sindhi"**

4, Great Western Building,
2nd floor, S.B.S. Road, Mumbai - 400 023.

Tel. : 0251 - 2571605 • Mobile : 9323120141

E-mail : nnchhugani@rediffmail.com
koonj@rediffmail.com

سمپادڪ :

## نند ڇُڳاڻي

هن پرچي جو مهمان سمپادڪ :

## ڊاڪٽر پريم پرڪاش

## ڪونج پريوار پاران
## توهان سڀني کي ڏياريءَ
## جون لک لک واڌايون

## واسديو 'موهي'
خاص انڪ

*Address for Correspondence :*

**NAND CHHUGANI**

982, Prem Prakash Apartments,
Flat No. 101,
Near Station Road Post Office,
Ulhasnagar - 421 003.

Tel. : 0251 - 2571605

Mobile : 9323120141

E-mail : nnchhugani@rediffmail.com
koonj@rediffmail.com

کونج جو هيءُ پرچو

**Shri Murijmal Manghnani**
(Dubai)

**Shri Ram Jethmalani** (Member of Parliament)
(Mumbai - Delhi)

**Shri Lal Hardasani**
(Hong Kong)

**Shri Notan Tolani**
(Hong Kong)

**Dr. Ram Buxani** Ph.D.
(Dubai)

**Shri Narain Sawlani**
(Dubai)

**Shri Laxman Dubey**
(Jhunagadh, Gujrat)

۽

**The Navjeevan Co-op. Bank Ltd.**
(Ulhasnagar)

جي مدد سان ظاهر ڪيو ٿو وڃي.

(سمپادڪ)

# رام بخشاڻي

تازو شري رام بخشاڻي سنڌونگر جي ٽائون هال ۾ فنڪشن تي مکيه مهمان ٿي آيو. اُهو موقعو هو اُلهاسنگر جي اڳوڻي ايم.ايل.اي.، هاڻ نوجيون ڪو-آپريٽو بئنڪ جو چيئرمن ۽ پايو وجهندڙ "شري سيتلداس هرچنداڻيءَ جي نشڪام شيوا جا پنجاهه سال". اُن مهل ۽ موقعي جي نزاڪت موجب هن صاحب چيدي سنڌيءَ ۾ قابليت ۽ دلچسپيءَ سان ڀرپور تقرير ڪري آيلن جي دل جيتي ورتي. دبئيءَ جو مشهور سيٺ، جنهن جو سمورو ڪاروبار پرڏيهه ۾ پيو هلي، اُن سنڌورڪيءَ جو سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڀرپور پريم هلندڙ صديءَ ۾ مثالي ٿي رهندو. هونءَ به ڏٺو ويو آهي ته سنڌورڪي سنڌيءَ جا پياسا آهن. انڪري پنهنجي ماءُ ٻيٽان سکيل ٻوليءَ لاءِ هوءُ هرهنڌ - هر قسم جي مدد لاءِ تيار رهندا آهن.

شري رام بخشاڻيءَ جو پنهنجي ماتا ڏانهن پيار به انوکو رهيو آهي. سندن ياد ۾ آديپور ۾ ايشوري ٻائي جيوترام بخشاڻي هال ٺهرايو آهي. سنڌالاجيءَ جي فنڪشن جو احوال پڙهبو آهي ته هال جو نالو پڙهي ازخرد ڏيان رام بخشاڻيءَ ڏانهن کڄي ويندو آهي. پنهنجي ماتا صاحبه جي پنيان هو هر سال سنڌي ساهتڪارن کي انعام به ڀئي ڏيندا آيا آهن. سچ چيو اٿن ته 'سرڳ ماءُ جي پيرن هيٺان آهي'. 'سنڌي سدائين گڏ' سندن مکيه اُديش آهي.

ڏنڌي ڪانسواءِ سندن تعليمي کيتر ۾ قابليت به ساراهه جوڳي آهي. ٻن پرڏيهي يونيورسٽين کين ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري عطا ڪئي آهي. پرڏيهي هندستانين جي مسئلن کي ڪٽي هنن کيترا ڀيرا وفد سان دهلي سرڪار وٽ ڀيرا ڀريا آهن. سرڪار به سندن قدر ڪندي ان قسم جي ڪاميٽيءَ تي کين مقرر ڪيو.

دبئيءَ جهڙي دور دراز ملڪ ۾ به هر سال سنڌيت ڏينهن ملهائڻ ۽ موڄ مچائڻ لاءِ هو هندستان جي جدا جدا شهرن مان - ڀڳت - ناٽڪ منڊليون - سازيندڙ مطلب هر قسم جا ڪلاڪار گهرائي پنهنجي ڪلچر کي زنده رکڻ جو جتن پيا ڪن. شري رام بخشاڻي پاڻ به کيترن ناٽڪن ۾ پاڳه ولندي ڏٺو ويو آهي. سنڌي ڪلچر ۽ ادب ۾ رنگ ڀري چڙهيو اٿائين. دبئيءَ جي اِنڊين هاءِ اِسڪول، جتي تعليم انگريزيءَ ۾ ڏني ويندي آهي پر مئنيجمينٽ ۾ سنڌين جي گهڻائي آهي، اُن جي پايو وجهندڙن ۾ هنن جو نالو برقرار رهندو.

هن جي شيوائن جو قدر ڪندي کين کيترا اِنعام - مان - سنمان مليا آهن. پر پوءِ به ميويدار وڻ وانگر جُهڪيل ئي رهندا آهن. نيڪيءَ جو ڦل سوادي ۽ سڳند ڀريو ٿيندو آهي ۽ انهن جي پيڇاڙي به سرهي رهندي آهي. ايشور کين وڏي صحتمند عمر ڏئي جيئن اُجان به وڌيڪ سيوا ڪندا رهن.

**- نند ڇڳاڻي.**

# سلسلو/پرچو سينگار يندڙ


نند ڇٻاڻي

پريم پرڪاش ايڊيٽوريل 10

بايو ڊيٽا وامو 12

ڪلا پرڪاش 13

تيرٿ چانڊواڻي 17

هري همٿاڻي 21

ڪرشن راهي 21

موهن ڪلپنا 44,21

لکمي ڪلاڻي 23

فوٽوز 28

وا.مو رچنائون 43, 33

هري دلگير 43

آنند کيماڻي 49

پوپٽي هيرانندڻي 50

موتيلال جوتواڻي 51

ارجن حاسد 110,52

هريش واسواڻي 53

باري منگي 55

ستيش روهڙا 61

نامديو 65,62

ڪرشن کٽواڻي 63

هوندراج بلواڻي 67

هريش ڪرمچنداڻي 70

بي اين پنوار 70

لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل 76

ايم ڪمل 83

موتي پرڪاش 88

ساجد سومرو 93

ڍولڻ راهي 100,49

پون ڪمار 104

گهنشيام واسواڻي 105

هرچند اڇهل 106

گوپ ڪمل 116

رکيل موراڻي 122

لڪشمڻ ڏبي 128

موهن گيهاڻي 131,98

کيمن مولاڻي 137

موهن همٿاڻي 144

پرم ابيچنداڻي 121

نارائڻ ڀارتي 109

موهن ديپ 150

اي.جي.آتم 54

جي.ايم. گرگلاڻي 99

ت (سانڊو) تي رهڻ جي مجبوريءَ هيٺ هن جو پنهنجو پاڻ مان وشواس نڪري ويو آهي.'

ڪاش اسين سنڌي ليکڪ به پنهنجي جيءَ اندر جهاتي پائي ڏسون ته اسين به محل ۽ موقعي انوسار گرگٽ جيان پنهنجا رنگ ته نٿا مٽيون؟ اسانجو لکڻ ڪيتري قدر سهج، فطري آهي؟ ڇا اسين آهو ئي ٿا لکون، جيڪو پاڻ انيو ٿا ڪريون، يا محض وعظ ڏيڻ يا وندرائڻ لاءِ لفظي قلابازيون ٿا ڏيون؟ ڇا اسان پنهنجي لکڻ مان ڪو ذهني سکون ٿا ماڻيون يا آن مان ناڻي ۽ ناموس جي موٽ ٿا طلبيون؟

موهي ڪٿي اسان مٿان خنده زني ته نٿو ڪري؟

تون رڳو پولڙيو بڻيو آهين
ڪا نئين ڏن ڪٿان بڻائيندين!

چنڊ سج جون پڙيون پڏائيندين
ڏيهه ڪي تجلي ڪان سڪائيندين.

جي اُڏامي سگهين ته شوق سان اُڏ
ميڻ جا ئي ته پر لڳائيندين.

ڇا موهيءَ جو اِشارو چمچاگيري ۽ چاپلوسيءَ سان هٿ ڪيل اِنعامن ۽ خطابن جي پرن طرف آهي، جيڪي پاڻ سان چپڪائي اسانجا ليکڪ مٿي اُڏامڻ چاهين ٿا. پر اهي ميڻ جا پر سج جي تابش وڌيڪ دير سهي نه سگهندا. گريڪ ڪردار 'ڊيڊالوس' جي پٽ 'اڪاروس' جيان هنن جو به سمنڊ ۾ هيٺ اچي ڪرڻ ۽ غوطا کائڻ جو حشر لازمي آهي.

جي حضوري ڪندي، ڪيسين جيئندين ائين
ڪو تکو زهر جيڀ تي لڳائي اچ.

پيڙ ۾ تنهنجو چهرو نه گُم ٿي وڃي
تون چپن تي الف بي سجائي اچ.

نوٽ سپنا، اکيون خشڪ جذبا شڪل
رولو شاعر! به بوندون وسائي اچ.

ميڻ جا پر لڳائڻ بجاءِ، موهي شاعر کي چپ تي تکو زهر لڳائڻ، چپن تي الف بي سجائڻ، به بوندون پيار جون وسائي اچڻ جي صلاح ٿو ڏي.

سنڌي ٽائيمس (٦ جوُن ٢٠٠٥) ۾ مون پنهنجي ليک ۾ لکيو هو ته گهنشيام واسواڻي ۽ پون ڪمار جي سريلي آواز ۾ واسديو موهي جي نون

# غزل-١

چنڊ لنگهي، تارن جي سُس پُس
اڪ پچي، شودن جي سسُ پُس
ڏيمي ڪِل ڪِل، ناچ پنن جو
اوندھ، ۽ جسمن جي سسُ پُس
مُنهن ۾ گُهنڊ نہ وجھ، مُرڪي ڏي
نيٺ بہ، آ پنهنجن جي سسُ پُس
موت بہ جاڳي پوندو آهي
ڪويل سان روُحن جي سسُ پُس
سيسُ نِوائي ڏيان ڏئي پُڌ
شاهہ سچل پارن جي سسُ پُس
ڳاڻ ڳڻيا داڻا هانڊيءَ ۾
ٻڏجي ٿي ٻارن جي سسُ پُس
نڪ جي ڪوڪي، مينديءَ سان گڏ
چيرين جي، چوُڙن جي سسُ پُس
بادل چنچل جا چنچل ئي
اُس تِڪي، ڪيتن جي سسُ پُس

# غزل-٢

آگر جهلي پڙن جي، مون ڪين جڳہ گُهمايو،
پنهنجي سُياڻ، ڪلهہ ۽ اَڄ سان اِئين نبايو.
مونتي سفر ڪيو آ، سالن جا سالَ مُندن،
پنهنجو هر آزموُدو، مُرڪي ڪلي ٻڌايو.
منهنجي نديءَ جو جل سِڄ چُهندو رهيو هميشه،
بستيءَ جي نينگريءَ کي خالي گهڙي ستايو.
پڙهہ ڪنڌهر جي مٽي، ڪا شاهدي ڏئي ٿي،
سِڄ ڪيترا وساميا، جن وقت کي سجايو.
ڪُجھ رنگ اُس مان ۽ ڪڪرن مان ڪُجھ نچوڙي،
سُڪ ڏک ٻنهي کي رنگي، مون ڪين هڪ بڻايو.

سِجَ تي رَسڻ لاءِ تو وٽ، ڏاڪا تہ ميڻ جائي،
چا لاءِ پاڻکي تو هر روز پئي ٿڪايو.
هڪ ڏينهن ۾ بدلجي، اهڙو نہ منهنجو چهرو،
هر آئيني اڳيان مون تہ بہ پاڻکي مَٽايو.
سِجُ ڏند ٿو کَپائي ۽ چنڊ صرف مُرڪي،
پيڳوان، تنهنجي دوُتن، توکي پئي لڄايو.
هفتن، ڪڏهن ڪلاڪن، منٽن، گهڙين پلن پڻ،
لاچار زندگيءَ کي قيدي ڪري هلايو.

## غزل-٣

لفظ ۾ خون کي ڏِسي ورتو
هر خبر جو سِرو، پڙهي ورتو
هٿ مٿي جئن ڪنيو دعا جي لاءِ
سچ جي باهہ کي ڇُهي ورتو
هر ڏڪئي موڙ وٽ هو پنهنجو ڪو
ان کي سچ سمجهي، ڪئن بہ جي ورتو
چوڪلو، وڳہ، پنهي اکين ۾ مٽيون
پاڻکي ئي وٽي، ڪِلي ورتو
توکي تڪليف چا ڏيان، پيڳوان
مرڪي هر رهنڊ کي سهي ورتو
شعر سان هٿ چراند چو ٿو ڪرين
شاهہ بيزار ٿي پڇي ورتو
مينهن وسارو رکي لفافي ۾
توکي هڪ خط وري، لِکي ورتو

## غزل-٤

ساهہَ ۾ پيو ساهہُ تنهنجي گود ۾
سانت ٿيو پڪاءُ تنهنجي گود ۾
وَڻ جو پَنُ پَنُ، گُلَ جي هڪَ هڪَ پنکڙي
مُرڪَ، آدرياءُ تنهنجي گود ۾

وڻ جي هيٺان ڪت، لڪڻ پايي اڳيان
ننڊ مُرڪي ماءُ، تنهنجي گود ۾
پينگهه جي هر لوڏ سان ڪِل ڪِل وڃي
سونهن جو پڙلاءُ، تنهنجي گود ۾
ڏڪندو ڇپ ۾ وڃي پيو مال سان
ڪو ڦري ويو گاهه، تنهنجي گود ۾
سومرو، جوڻيو، رَڪيل، اِمداد، گلَ
هرڪو پانيم پاءُ، تنهنجي گود ۾
جهوُر هڏڙن تي پسيني جي چمڪ
ڪوهِرَن جو پاءُ، تنهنجي گود ۾
ڏِم جي نارين ڪي مِلايو پئي هوا
نينهن جو مَهڪاءُ تنهنجي گود ۾
ڪيترا ڏُکَ گذري ويا اڄُ ٿو اچين
ڪَنَ تي پيو ورجاءُ، تنهنجي گود ۾

## غزل-٥

رڻ ۾ ڊوڙي، پاڻي ڪيڏو پياسو آهي
واري توري، پاڻي ڪيڏو پياسو آهي
مرليءَ جي ڌُن، ڪيڏي دوري، راڌا ڊوڙي
اڪَ ٿي ڪوري، پاڻي ڪيڏو پياسو آهي
سيتل جل کي، آخر ڇا لاءِ رتُ ٿو گهرجي
سهٽيون ٻوڙي، پاڻي ڪيڏو پياسو آهي
چنڊ ڏسڻ سان، هٿَ مٿي ڪٽي، لرزي ساگر
جيءَ کي جهوري، پاڻي ڪيڏو پياسو آهي
پت تي فوٽو، مُرڪ بہ هارُ بہ، هي ڪهڙو سچ
سچُ ڪٿن ڳولهي، پاڻي ڪيڏو پياسو آهي
سمنڊ نشي ۾، ٽڙندي ٽڙندي، ٽِڪي نديءَ کي
مِناس ٽوڙي، پاڻي ڪيڏو پياسو آهي
ڏي وٺ جذبن جي ٿي تہ اکين جي رشوت سان
دل ڇا پوري، پاڻي ڪيڏو پياسو آهي

☆ رَتَ، ڳوليءَ سان، هولي ڏياري ڳڏ ڳڏ ماڻي
هرهڪ ٽولي، پاڻي ڪيڏو پياسو آهي
پٽر جهڙي اڪ، هر پٽ ڪي، رهندي، رهندي
ڪو در ڪولي، پاڻي ڪيڏو پياسو آهي

☆ ڳوپ ڪمل جي لنبي ڪوتا 'واپسي' جي مهرباني ءَ سان

# غزل-٦

يار جي هٿ ۾ آهيان رانديڪو
راند ئي راند ۾ ڳنڍان ٿو مان
لِسٽ ڪيڏي ڪمن جي روز بروز
پاڻ سان پڻ ڏکيو مِلان ٿو مان
منزلن جي ڪٿي خبر مونکي
جو به رستو ڏِسان، هلان ٿو مان
ڪيترو پاڻکي ٿڪايان ٿو
ڪنهن نه ڪنهن آس تي جِئان ٿو مان
روز مالهي ڪٽي ٿو پن ٽاريون
نيٺ چو باغ تي وڌان ٿو مان
رشتا مهمان تي اچن ءَ وڃن
صرف ڪو ميزبان لڳان ٿو مان
کهڙا پکوان جا ڪٽان ٿورا
موت ۾ شعرڪو لکان ٿو مان
ٺوڪٽا ٺوڪٽا سڄو ئي گهر
ٿوري آواز تي ڊڄان ٿو مان

# غزل-٧

ڇير لاهي وڃن ٻنين ۾ گُل،
اڪ جَهڪائين، آرسين ۾ گُل،
ڪا تپت تي هُجي ڇپن تي پر
رات جي ڳالهه تي اکين ۾ گل،

کوڏرون، هٿ ڦٽيل، اکين ۾ ڏک
ڇاھ اڳيان رونلو، دلين ۾ گل
تنهنجي اک مان ڪِرن جي ماڪ ڦڙا
تِن مان پڇريو پون ٻٽين ۾ گُل
آرتي ٿي پيو سچو جيون
من ۾ خوشبو اگربتين ۾ گل
ڳوٺ منهنجي کان آيو آهين تون
ڪيترا تنهنجي پوٽلين ۾ گُل
گودڙي ويڙهجي وئي لِڱ تي
ماءُ! هئا تنهنجي آڱرين ۾ گل
ڪنهن تہ پرديس ۾ گڏيا آهيون
ڏس، لڳايم يتين چتين ۾ گل
ڪيڏو مچلن، نچن، ڏکن مُرکن
نينگريون ڳوٺ جون، ندين ۾ گل

## غزل

### دوست واسديو موهيءَ جي نانءُ

**رکيل مورائي**

ستارن جي هيڏان شُمهان خوش ٿيان
جڏهن ڳوٺ پنهنجي وڃان خوش ٿيان
پڇائي ڇڏن نيٺ، ڪيئي قصا ٿا
مگر نهڪ تنهنجو ٻڌان خوش ٿيان
مُئن جو دڙو دل ڏسڻ لئہ چويم،
اَمان فاطمه کي ڏسان خوش ٿيان.
ڪتابن جي ڪنڊرن کان باهر اچي
فقط هُن جو چهرو پڙهان خوش ٿيان.
قلم، فريج، ٽي.وي.، ڏڪائين هٽ،
اباڻن ڪکن کي ڇُهان، خوش ٿيان.
شرارت لڪائي وساري ويهان،
ڏهاڙن ڇڄاٽا ليان، خوش ٿيان.
گُذاريم الڳ جنهن کان پاويهہ سال
اُنهيءَ گهر سان ٻيهر ملان خوش ٿيا.
سپون-جنوري-مارچ ۱۰۰۶

# سوچ صورتون-نئون فارم

هائڪو ۽ غزل کي ملائي مون سوچ-صورتون جوڙيو آهي. فني لحاظ کان هائڪو جو فارم آهي-پهرين ۽ ٽين سٽ قافئي جي نباهه لاءِ هم اعراب رکيل آهن، ٽين سٽ غزل جي ثاني مصرع جو ڪم ڏئي ٿي. فڪر غزل جو ۽ تصوير هائڪو جي، اِئين ٺهيو آهي نئون فارم سوچ-صورتون.

واسديو موهي

## سوچ-صورتون-١

(١)

مُنهن مُرڪ صبح ساڻ
گُلَ پهريو آ ماڪَ جو
نئون نئون پهراڻ

(٢)

نيٺ جاڳندو جنڊُ
سچ آهي ننڊ ۾ اَچا
چا لاءِ ايڏو تاڻُ

(٣)

ڪنڌَ جو هر انگُ جهوڙُ
ڪوني چڻ اُڳڙي نندي
چلي چڏي ٿو واڻُ

(٤)

هيٺو هيٺو سنگُ
چا ملندو هن کيت مان
ويو اَجايو ياڻ

(٥)

ڏُڪر جو کهڙو نانءُ
گرم پچايم روٽلو
پر هو نه رکو چاڻ

## سوچ-صورتون-٢

(١)

ڪونه ڏٺي ڇايا
صرف هئي اُس سوچ ۾
هن گُل جُهلسايا

(٢)

سڀ رستا عُضوا
بم بٽيو هو شخص ڪو
ڊير پُڄَ ڪمايا

(٣)

ڇون ٽپوڙي ٿا
ڪر ليڪو، اُڀ ڪيترا
تارا ٽپڪايا

(٤)

بمن ٺهڪ ڏنا
شهر گوڏن تي نه ڪِريو
پل ۾ ڪَڪَرَ ڇايا

(٥)

وڄ جيان کُهاڙا
گهاءُ گهاءُ هو وڻ ڦڙو
ڪيت نه لهرايا

(٦)

ڪي جهاز اُڏاڻا
گُم ديس جون علامتون
ڪنهن اُڀَ ڪيرايا

(٧)
نہ ڇُميا لِڱہ گل جا
نہ ڇُھيو ڳل کي ڪنھن ڪڪر
مُرده گھر آيا

(٨)
فلمي قصو آ
رت ٻڏل ھٿن سمنڊ ۾
ھٿيار اُڇلايا

## سوچ-صورتون-٣

(١)
جھرٽا ڌڳہ ڌاھين
سِڄُ مهراڄُ ھوَن ڪري
جبل جھٽيا پائين

(٢)
ھر سَپُ ڇُرندو آھہ
اندر سَپيرا ٿا وسن
بيٺون جھنجھلائين

(٣)
توکي ڏٺو، يا نہ بہ
ڇِڱن، چپن کي اِئين ڇُميو
ڄڻ شيءِ لِڪائين

(٤)
من ۾ دپ ھوندن
ھٿ ٻڏلن تي پيا رکو
'ھئنڊس اپ!' چلائين

(٥)
گھاٽي ھئي سُرھاڻ
ڪڏھن ھتي ساگر ھيو
مُھاڻا ٻُڏائين

(٦)
لڳاوَ جي ھيءُ راند
سليٽ تي 'اُبس' لکي
بار بار ڍاھين

(٧)
سڙڪون ھي چوڌار
جبلن کي ڀاڪر ڀري
ڪنھنڪي پرچائين

## سوچ-صورتون-٤

(١)
لفظ لِنوي ٿو لات
ڪنھن ڳل ڪيس، رکو ڇُھيو
ٿي پيو احساسات

(٢)
ڊوڙندي ملاقات
لفظن کي ڪوتا ڏني
پيرن جي سوغات

(٣)
اکہ ڪجھہ آلي ھوس
چائنٽ تي ويٺي اَچي
بي گھر ھئي جذبات

(٤)
پکڙيم پئي چانڊاڻ
منھنجي اھڙي سمجھہ تي
ٺھڪ ڏنا پئي رات

(٥)
دنيا رنگہ بغير
چارو طرف رکو اچو
مُرڪ کي مِلي مات

(٦)
ماڻھو، پکي، پسون بہ
بساطن کي پڙھڻ لڳا
جاڳي جڻن پريات

# سوچ-صورتون-٥

(١)

چورن کان ڏجندو
چنچل چولين کي تہ هو
تالي ۾ رکندو

(٢)

ڳوڙهو مٽيءَ جو
ڇڪ تي جيئرو ٿيو پوي
ڇيلهہ پيو ڇُهندو

(٣)

وحشت، زهر، پنجو
کو شايد لات بہ لنوي
جسم جهنگ بڻندو

(٤)

خون ڪرڻ کان پو
منهن تي هوُمرڪ بہ رکي
ويچارو لڳندو

(٥)

ٻري پيو ٻيلو
شينهن شڪاري دوبدو
ڪير بچي بچندو

# سوچ-صورتون-٦

١- مون سمجهيو آسانُ
اڪہ نٽايو اڪہ کان
سپ چڙهيو پروانُ
٢- گهنگهرن جو آوازُ
هٽ تي ويڙهيل موگرو
صندوقڙيءَ ۾ پانُ
٣- مُرڪ مُرڪ آ نقابُ
ڏيڻ ونڻ سپ مات ۾
ڪنهنجو ڪنهنکي دانُ
٤- دل جو تون ڪمزورُ
توکان ڪٿان ٿيندو سفر
جسم سڄو سُنسان
٥- ڏسجي ٿو معصومُ
رانديڪا ٽوڙي ڇڏي
اِهو بہ هڪ ايمان
٦- ڪکرُ گلو پڪڙيس
ڪيڏا چرڪ پري ڪنوي
لاچارُ آسمانُ

(’چنگاري‘ فلم ڏسڻ کانپوءِ)

# سوچ-صورتون-٧

(١)

وڄُ، ڪڪرن جي ڏوڙ
ڏيکہ ويکہ لاءِ، روپ لاءِ
چنڊ جي هڻ پٽوڙ

(٢)

مٽي وڄون، گجگوڙ
پونءِ ڏماڪن سان وڄي
دل ۾ ٿين وڳوڙ

(٣)

وڏا هِن فيلسوف
رنگہ، پنکہ، پوپٽ ٻُٽِين
ونڊون ضربون، جوڙ

(٤)

ڪٿي مزوري سڄ
ٿالهيءَ کي ٻُکہ ٿي تکيو
جاري آ جاکوڙ

(٥)

ذهن رڳو نہ مڪانَ
قومن جي اِتهاس کي
کهڙا کهڙا موڙ

(Speech after getting Sahitya Akademi Award, on 23.2.2000)

## MY CREATIVE PROCESS

Vasdev Mohi

I Write in the language which has its roots in the land of great ancient civilization of Indus Valley. Due to political upheavel, speakers of my mother tongue, Sindhi, have been divided across borders. Now it is seeking new roots here. It is the language which is honoured by the poetry of Shah Abdul Latif, Sachal Sarmast and Chainrai Sami, the 18th Century Stalwarts. Today, though the interests of modem writers are at different wavelength, they write in the language that was made lively by the torch bearing trio. I am known as one of the proponents of the new wave poetry in Sindhi, but despite carving out new tracks for my creative requirements, I duly respect traditions. Along with "Naee Kavita", I have adopted highly conventional form of Ghazal and have religiously fulfilled its artistic demands. It is another story that in the ageold skeleton, the flesh that I have put on, has its own glow. Without refuting sound conventions, my creations have kept a considerable distance from them. These factors, on their own, are fused with my poems and ghazals.

My creations donot require any extraneous comforts. Very often, my poems or ghazals take their form while I am on the move-during my travels or during my doing some odd jobs. I do not remember having ever sat at table for giving shape to my poems or ghazals. With movement, my inner self moves too, and my poems or ghazals go on taking their form.

I have a feeling that my poet views the world with the eye of a child. My poet often identifies himself with 'Manku', the child-like protagonist of my collection of poems, published in 1992 and named after him. His innocence is discernible in my ghazals too. My poet has to face, due to this, several dangers related to creativity, but he faces them squarely and tries to create something oftbeat in the oftbeaten form.

Besides, the sea haunts the poet within me off and on. My feelings find themselves awed by the sea: the feelings of fascination for the sea and those of fear of the sea go together. My first collection 'Tazaad' (Contradictions) published in 1976. perhaps indirectly reflects this contradictory psyche, through paradoxical situations of life.

During my creative process, sometimes I relive my past, and sometimes it reveals my subconscious feelings inherent in my past poems. But is it transparent? I doubt.

کمزور ڪرڻ چاهيان ٿو (تزڪ)

ڪوتا ۾ لئہ جي رفتار تيل، ڪتل ۽ اينگهيل آهي. ۽ چٽي ڇڏڻ، سهج تيڻ ۽ ڪمزور ڪرڻ' لفظن پنيان هڪ لفظ 'چاهيان ٿو' هڪ مخصوص لئہ کي حوالي جي گرفت ۾ آڻي ٿو ڇڏي.

- هنکي
ميسر ڪيل سلامتيءَ کان وانجهيو ويندو
هنکي ڪڏهن معاف نہ ڪيو ويندو
هڪ سندس ڪيل دخلن جو نوٽ بوڪ
۽ ڪجهہ بوچ ڏيئي
گهري پاڻيءَ ۾ ڇڏي ڏنو ويندو (ڪوئو)

يا

سامهون الف پيو آهي
هنکي مون ماريو آهي
هتان ب پيو اچي
هو مونکي ماريندو شايد (لڙائي هلندي هڪ سامتي پل ۾)

هتي بہ عڪسن جي بندش جي لئہ آهي هڪ زمين تي مئو پيو آهي ۽ بيو ٻئي طرفان اِن ريت زمين تي ڪرڻو آهي.

- زندگي گذاريو پيا
چڱو ٿا ڪريو صاحب
...
ها صاحب توهان آزاد آهيو
ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ
نوڪري ڪريو نہ ڪريو
آزاد آهيو
...
'مان هستي سان
جدوجهد ڪري رهيو آهيان
مقابلو ڪري رهيو آهيان'
ڪجهہ يي چئي سگهو ٿا
آزاد آهيو (سراپ)

آزاد آهيو جو ڀرم، دهراءَ سبب، ذڪر جي اندروني لئہ جو هڪ سلسلو پيدا ڪري ٿو.

قبول ڪرڻ جو ڪهڙو قاعدو يا ماپو آهي. يا ٿي سگهي ٿو؟ نئين ڪوتا ۾ نئين اِنساني سمر ويدنا آنجو لازمي شرط آهي. جي آها نہ آهي تہ نئين ڪوتا جي نالي ۾ لکندڙن جي رچنائن کي اَدب لطيف جي شاخ ۾ ڦٽو ڪري سگهجي ٿو. ۽ جي آها آهي تہ آن ۾ حوالي جي گرفت ڪيتري مضبوط آهي، جنهن لاءِ آنجي اندروني بناوت کي ڏسڻو پوندو. آنيوَ مان گذرڻ وقت فڪر ۽ جذبي جي پڪڙ ۽ گرفت آنجو هڪ ئي ماپو آهي. ٻيءَ طرح مان اِئين چوان تہ بحر ۽ وزن ۾ بہ نئين ڪوتا لکي سگهجي ٿي مگر جيئن تہ آن ۾ هنرمنديءَ جو عيب سمايل آهي؛ اِن ڪري بي ساخت رواني ۽ لئہ، اَڄ جي نئين ڪوتا کي اَثرائتي بڻجڻ ۾ مدد ڪري ٿي. واسديو موهيءَ جون گهڻيون ڪوتائون آن ڏس ۾ فڪر، جذبي ۽ اندروني اِنتظام سبب بيشڪ ڪامياب نيون ڪوتائون آهن.

(سنڌي ليکڪ فورم طرفان، واسديو موهيءَ جي ڪتاب 'تضاد' تي رکيل بحث ۾ پڙهيل)- سنگيتا- 1976

## واسديو موهيءَ تي هري دلگير

پيارا ڪلپنا،

واسديو موهيءَ جو لکيل ۽ توهانجو ڇپايل ڪتاب تضاد پهتل آهي. مهرباني.

هرهڪ ڪوتا ڏيري ڏيري، پڙهي اٿم، انڪري 'مختصر رايي' موڪلڻ ۾ ڪجهہ دير پئجي ويئي آهي، جنهن لاءِ اميد تہ دل ۾ نہ ڪندا.

مان هڪ پڪو سڪدرسي اِنسان آهيان ۽ هستيواد ويچار ڌارا ۾ وشواس ڪونہ اٿم. هيانءُ هاري، دڪہ جي پڇ کي پڪڙي وهڻ، مردن جو مرڪ نہ آهي.

'موهي' هڪ هستيواد ۽ دڪدرسي شاعر آهي-سندس ويچارڌارا سان متڀيد رکندي بہ مان ايترو ضروري چوندس تہ 'تضاد' ۾ آيل ڪيتريون ڪوتائون فني لحاظ کان تمام سنيون آهن. سهڻي ٻولي، سٺن جي سندر بيهڪ، انوکيون تشبيهون ۽ نوان خيال ءِن ڪتاب جو روح آهن. هن وقت تائين جيڪي بہ نئين ڪوتا جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ پڙهيا اٿم، يا اُڏ ۾ پڙهي ڇڏي ڏنا اٿم، آنهن ۾ هي سڀ کان وڌيڪ معياري آهي.

سوجهرو آگسٽ 1976

# واسديو موهيءَ جو تضاد

آنند کيماڻي

موهيءَ جو تضاد نئين ڪوتا جي ٻن ڪنڊن جي ڪڙي آهي. زندگيءَ جي تلخين ڏانهن جهنجهلاهٽ طنز ۾ لين ٿي ڇوڙ ڪري ته ٻئي پاسي خود انيوَ جي وحشي ڪڻن (Wild moments) ۾ ٻه. اظهار جي ڇتائي هلڪي آهي. ونس ظريفانه انداز گهٽ آهي ۽ ڀاشا ڪانئس ڏاڍي آهي، يعني زبان سان بي حرمتي سندس هٿيارن ۾ گهٽي قدر نه آهي. هڪ پاسي ڪوتائون ڇند بنڌن کان ٻاهر آهن ته ٻئي پاسي لئه اندر آهن. ڪي ڪوتائون (منهنجو آسپاس) پنجن ڇهن ڪوتائن لاءِ هڪ ئي اِسم ڪٽي ٿيون هلن ته ڪي (پيار) هڪ به اِسم سان نٿيون نباهين. سرا سيني ڪوتائن مٿان براجمان آهن، ليڪن هڪ به سري هينان ڪوتا گم نه آهي.

پيار ۽ راڄنيتي سندس ڇوه جا ٻه ڪنارا آهن. سڏي يا انُسڏيءَ طرح سان راڄنيتي يا راڄنيتڪ اثر سندس صحيح ڪويءَ کي سامهون ٿا آڻين. اِها هن مجموعي جي خوبي آهي. ليڪن پيار کي نڪارڻ ۾ اچا ونس اِديم آيو نه آهي.

مونکي ڏپ آهي ته تضاد ۾ موهيءَ جي ڪن اهڙن اِمڪاني قوتن جو احساس ٿو ٿئي، جن جي ڪري هو ٻه هريش وانگر لڳه-ڀڳه سيني پيڙهين جي ٿلهي پسندگي حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ منهنجي ڪندنظرئي موجب اِها مجموعي جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري ثابت ٿيندي.

ڪيئن به، مجموعو نوَل ڪويءَ جو نه پر نئين ڪويءَ جو آهي.

نئين دهلي

۷-۵-۷٦

سوجهرو-جوُن 1976

واسديو موهيءَ جو ليکه نئين ڪوتا بابت، ذهن جي ڌنڌ ۽ غبار کي ڪافي حد تائين صاف ٿو ڪري. هن نهايت گهرائيءَ سان نئين ڪوتا جي اوک ڊوک ڪئي آهي. ليکه مان سندس مطالعو مشاهدو ۽ محنت صاف جهلڪي رهيا آهن. هيءُ ليکه هن پرچي جو نڪ آهي.

-ڊولڻ راهي (اجمير)

رچنا-86 اپريل-جون 2000

# THE CONTRADICTIONS ...

Prof Popati Hiranandani

Modern Poems make the man aware of the paradoxes and complexities of life. Vasdev Mohi's poems depict the chaos created by the machine-age civilisation. He speaks of the man in a clerical job, thus:

He is
but he is not
His existence revolves round
His 'Being' and 'Not being anything'
His life is perforated
with sharp pointed realities
And he is dwarfed
By the tall walls of unfulfilled dreams.

The 'Verb' in the whole poem (in Sindhi) is conspicuous by its absence, suggesting thereby that a clerk is not really 'active'.

He moves helplessly like the hand of the clock. He has dreams but only the tired ones, he has wishes but these are always under the eclipse of circumstances.

The collection of Vasdev Mohi's new-poems is "Tazad" (The Contradiction)-1976, in which the poet depicts the man of today who has to face so many odds, has to fight on so many fronts within himself and without, that he merely exists rather than lives. Vasdev is a courageous poet, who stands aloof from his writing and dares to pass sarcastic remarks not only against the celebrities but against himself. His poems express the feelings which a man of this machine-age really feels. He can even depict the 'way' in which a man thinks. He adopts a highly realistic method of presentation. He tries to reach the truth with his intellect. While the traditional poet conceived his poetry in his heart, Vasdev's poetry is entirely the product of thought. The traditional poet used to burn his heart, the poet of today sets his brain afire. To sum up Vasdev's poems we can safely say "It is a cry of an artist's intelligence."

History of Sindhi Literature
(1947-1978)

بلڪ هو سنڌ ۾ اڄ بہ هڪ منفرد شاعريءَ جو هڪ وڏي نانءُ وارو حوالو آهي.

واسديو پنهنجي غزلن جي هيئيت گهاڙيتو ساڳيو ڇند وارو رکيو آهي پر ڇند واري وزن تي لکڻ سان غزل انتهائي لريڪل-ردمڪ ۽ هڪ الڳ ڪلاسيڪل تاثر رکندڙ لڳن ٿا.

سنڌي ادبي سنگت جي سينئر ميمبر مظفر ميمڻ واسديو جي سمورن غزلن تي ڳالهائيندي چيو تہ 'واسديو جا هي غزل انتهائي جدا جدا احساساتي ۽ جذباتي ڪيفيتن ۾ لکيل آهن. اسان کي واسديو جا غزل پڙهڻ ڪانپوءِ ائين لڳو تہ ڄڻ اسان جيئرا جاڳندا منظر ڏسندا هجون ۽ معصوم جذبا ۽ ننڍا لطيف احساس آهن جن کي واسديو تمام ڪاريگريءَ سان جهٽيو هجي. واسديو جي شاعري ۽ ان جا موضوع پرکڻ ڪانپوءِ اسان کي ائين لڳو ڄڻ هن 'ڪامو کان وٺي خليل جبران تائين' جيڪي بہ انساني زندگي جا داخلي مسئلا ڪنيا آهن اهي حقيقت ۾ سڀ جي بلڪل ويجهو آهن . واسديو جي ٻولي، شاعراڻو ڊڪشن اوترو ئي مضبوط آهي جيترو ڪي ٻي ڪنهن روايتي سنڌي غزل گو شاعري جي. هن وڌيڪ چيو واسديو جي شاعريءَ ۽ هن جي شعر ۾ ڪتب آيل لفظ جهڙوڪ انهن عدين جو سفر طئي ڪيو هجي. جيون ڇا آهي؟ انساني زندگي جي ڪيتري اهميت آهي؟ سنڌ ڌرتي، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب کان علاوه واسديو پنهنجي سموري شاعريءَ ۾ فن کان وٺي انسان جي روحاني ۽ وجداني ڪيفيتن جو بہ ذڪر ڏاڍي سٺي نموني ڪيو آهي.

سنڌي ادبي سنگت جي هڪ ٻئي سينئر شاعر ۽ ميمبر رکيل مورائي، جنهن جي تعريف ڪندي مان ايترو ضرور چوندس تہ هي واحد سنگت جو هڪ مخلص ميمبر آهي جنهن جو ڊائريڪٽ يا ان ڊائريڪٽ واسطو پارٽ ۾ رهندڙ اديبن سان آهي ۽ واسديو هڪ وڏو شاعر جو حوالو بہ هن دوست جي مهربانين سان ئي پيو آهي. رکيل مورائي واسديو جي شاعريءَ تي تفصيل سان ڳالهائيندي چيو تہ واسديو هڪ اهڙو شاعر آهي جيڪو سنڌ ڇڏي پارت ويو ۽ اڄ پارت ۾ بہ هو ويڳاڻيت، اڪيلائي ۽ پنهنجي ڌرتيءَ کان دور زندگي گهاريندڙ هڪ بيگانو ۽ بيوس اوپرو ماڻهو جهڙي ڪيفيت رکي ٿو. جيڪا بيقراري، اڻتڻ احساس محرومي بيوسي واسديو جي پلئہ پئي آهي ۽ هيءَ هن جي سموري شاعري ان وجداني ڪيفيت ۽ اوپرائپ جو هڪ اعليٰ ۽ بهترين نمونو آهي. واسديو اهو ڪجهہ لکيو آهي. جيڪو هن جي من اندر ۾ نہ ڄاڻ ڪيترن سالن کان سانديل رهيو آهي. واسديو جي شاعريءَ جي غزلن جي ٻولي، موضوع، خيال ۽ فني ٽيڪنيڪ پنهنجي جڳهہ تي پر

# مٽڪو

## ڪرشن کٽواڻي

آن رات مان واسديو موهيءَ بابت گهڻي دير سوچيندو رهيو هوس. مون آن ڏينهن پهريون ڀيرو 'مٽڪو' پڙهيو هو. پڙهندي پڙهندي منهنجو موهيءَ ۾ موهه وڌي ويو. ننڍڙو ستر کن صفحن جو ڪتاب، سِرو اٿس 'مٽڪو' ۽ برڪيٽ ۾ لکيل آهي (ڪويتائون). هيءُ مٽڪو ڪير آهي؟ ضرور ڪو وڏو ماڻهو هوندو جنهن تي 30 ڪويتائون لکيون ويئون آهن. پر ٻئي پني تي ارپڻ پتر پڙهي لڳم ته شايد هڪ ڳوٺ تي ڪتاب لکيل آهي.

ڪتاب پڙهي پورو ڪيم. ڪيتري دير سانت ويٺو هوس. ڪڏهن اکيون بند، اندر ۾ ڪجهه احساس.

ياد آيم ١٨ ۽ ١٩ صديءَ ۾ يورپ جي ڪلا ۾ هڪ اِنقلاب آيو هو. پينٽنگ، سنگيت، ساهتيه ٽيئي هڪ ٻئي جي ويجهو آيا ۽ هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿيا. پنهنجي اندر جي اِظهار لاءِ نوان نوان نمونا ۽ طريقا اپنايا ويا. هڪ آزاد فضا هئي، جنهن ۾ ڪجهه به چوڻ، ڪنهن به نموني چوڻ ڪان ڪلاڪار ڪانه ٿي ڊڪيا. ڪي ڪتاب ضبط ٿيا. ڪي ڪلاڪار بي ڊپي اِظهار لاءِ جيل جون سزائون ڀوڳي آيا.

چڱا سال اڳه جي ڳالهه آهي. ساهتيه اڪادميءَ جي ٽن ٽن ججن وچ ۾ ساهتيه اڪادمي جي آن سال جي اِنعام لاءِ ڪن ڪتابن تي بحث ٿي رهيو هو. مون 'مٽڪو' ڪتاب جو نالو ڏنو هو. هڪ جج جو ڪِن ۾ رد-عمل آيو: 'مٽڪو' ڪويتا ئي ڪانهي. مون ڪجهه چوڻ لاءِ وات کوليو پر ڪجهه چوڻ بدران آن ليکڪ کي تڪيندي رهجي ويس. آزمودي ٻڌايو هوم ته گهڻا جج گهران ئي فيصلو ڪري ايندا آهن ۽ آن فيصلي ڪرڻ ۾ دوستيءَ جو ننگه به اهم حصو ٿيندو آهي.

'مٽڪو' ڪويتا آهي. ڪهاڻي آهي. جيون جي ننگي تصوير آهي- بلڪل ننگي. توهان اِنسان جا ڪجهه بدزيبا انگه بلڪل آگهاڙا ڏسي سگهو ٿا، آنهن جي بدبوءِ سنگهي سگهو ٿا ۽ اِنسانن جون مجبوريون پسي سگهو ٿا. تنهن ڪانپوءِ، جي توهان اندر اونهي بيقراري نه ٿي اڀري ته توهان سچي ڪوتا پڙهڻ نه سِکيا آهيو. سنڌيءَ جي ترقي پسند اديبن سوين ڪتاب ننگن سرين ۽ ٻُکه ۾ لڇندڙ اِنسانن تي لکيا، آنهن مان گهڻا ته سَکڻا ليکچر هئا ۽ ڪن ۾ ڪا خاص 'ism' مڙهيل هئي.

موهي ڪلا جي سوکيم سندرتا سان نمڪين ۽ نِڪريل روپ ۾ هزارين دفعا

رڻيل سچ يا زندگيءَ جا ڪوڙ ڪيئن ٿو بيان ڪري:

نيٺ
هوءَ دڪان جي ڪنڊ ۾
سُسندي ويئي
تہ جيوي پساريءَ جي دل
ويڪري ٿيندي ويئي
ٻاجهري توري ڏنائين

پر غريبن جا سوُر سوين نہ، هزارين هوندا آهن. آهي نہ صرف جسم جي هر انگ کي ڏنڊيندا آهن. پر جيئري ئي آتما کي شمشان جي رک ڍير ۾ ٻجهندڙ، برندڙ ٽانڊا بڻائيندا آهن:

جمنيءَ کي هاڻ
ٻاجهريءَ جي پيسائيءَ جي جهوري لڳي
آتي بہ جوانجي چڪيءَ وارو
واڇون ٽيڙيندو رهندو
جمني مُسڪندي
... ... ...
ٻاجهري پيهي ڏيندو

ڪڏهن ڪڏهن مونکي ياسيو موهيءَ جون هي ڪويتائون ان دنيا جو چترڻ آهي جو اونداهو، ڀيانڪ جهنگل آهي. جنهن ۾ سدا بکايل خون پياڪ جهنگلي جانور تاڪ ۾ گهمن پيا. خطرناڪ زهر سان نانگ- بلائون ڦيرا پائي رهيون آهن.
پر دنيا ۾ پيار ۽ پيار جي ڏي وٺ جي بي مثال خوشي بہ آهي :

اڄ هُري پيو ڏاڍو ڏاڍو
اُهو ڏينهن
مٽيءَ پير پاتو گهر ۾ جڏهن
آئي ڪيڏو ڪوس هئي
جُهمريون پئي هنيائين ...

بس، وڌيڪ لِکي نہ ٿو سگهان... ڊاڪٽر جي منع آهي. ٽن مهنن ۾ پهريون دفعو پنا ڪارا ڪيا اٿم. اڳئين هفتي تائين صرف صحيح ڪندو هوس.
**20.9.2006**

موهيءَ جو مٺڪوءُ:

# هيٺئين طبقي جي گونگي ويدنا

## هوندراج بلواڻي

’مٺڪوءُ‘ واسديو موهيءَ جي اِنهيءَ ئي نالي سان شايع ٿيل ڪهاڻين جو سنگره آهي. ڪهاڻين جي مرڪز ۾ ’مٺڪوءُ‘ نالي هڪ ڪردار آهي. موهيءَ جڏهن مٺڪوءُ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون تڏهن ادبي حلقن ۾ اِنهن جو سهڻو سواڳت ڪيو ويو. مهانگر جي هٽرادو، پوليوئيڊ، ڪوڪلي ۽ بدبودار زندگيءَ کي مٺڪوءُ ڪردار ذريعي هوبهو پيش ڪري هڪ غير رواجي قسم جي رچنا موهيءَ سنڌي ادب کي ڏني آهي.

مجموعي جي سيني ڪهاڻين جو نايڪ مٺڪوءُ آهي. سڀ ڪهاڻيون مهانگر جي جيون جو چٽر چٽين ٿيون. مجموعو ڪهاڻي سنگره هوندي به هڪ ڪٿا جو آڀاس ڪرائي ٿو. مٺڪوءَ کان سواءِ جمني، جوانجي، ناڪور، مٺي، ايسلو، جگنو، ڪالو آستاد، چمن ڀائي، راملو، ڪنو جهڙا انيڪ پاتر آهن جي سنگره ۾ ڪٿي نه ڪٿي ڇانيل آهن.

آزاديءَ کان پوءِ سنڌي گهڻي ڀاڱي نگرن ۽ مهانگرن ۾ وسيل آهن. ڳامڙن (ڳوٺن) ۾ سنڌين جي بستي گهٽ آهي. شڌ سنڌي ڀاشا آتان گم ٿيندي ٿي وڃي. گجراتي ماحول مان ٽيٽيو (ٽڪڙو)، ڇيلو (آخري)، ڇاپرو ، مويو (درجو)، ڀيجو (مغز)، مالم، ڳام، جوڙيدار، پوٽلي، ڀيٽو (ملاقات) جهڙا لفظ ڪٺي سنڌي انهن کي روزمره جي جيون ۾ اِستعمال ڪن ٿا. ڳوٺ مان آيل مٺڪوءُ ڳوٺاڻي ٻوليءَ ۾ پنهنجي ڳالهه ڪري ٿو. ’سماچار‘ کي ’هماچار‘، ’پاسي‘ کي ’پانهي‘، ’ميهوُلو‘ کي ’ميهلو‘، ’ڀهوُ‘ کي ’ڀوَ‘، ’گهنٽڙي‘ کي ’گهنٽري‘ چوي ٿو. لوڪ ٻوليءَ جا اهڙا لفظ ڪهاڻين ۾ جدا جدا هنڌن تي تمام گهڻا سياويڪ لڳن ٿا.

مٺڪوءُ روٽيءَ-روزيءَ لاءِ ڳوٺ مان شهر ڏانهن آيو آهي. شهر ۾ هڪ طرف هوُ مهانگر جي بدين (خرابين)، تن ۾ به خاص غريبيءَ ۽ اڻاٺ واري زندگيءَ کي پنهنجين مجبور اکين سان ڏسي ٿو، ته ٻئي طرف پنهنجو ڳوٺ جتي هوُ پنهنجي زال مٺيءَ ۽ ٻارن کي ڇڏي آيو آهي تن جي چنتا ڪري ٿو ۽ محنت-مزوري ڪري جيڪي ڪجهه ملي سو ڳامڙي ۾ رهندڙ مٺيءَ کي موڪلڻ جي خواهش رکي ٿو. مٺڪو ڇا ڇا نه ٿو ڪري! مزوري ڪري ٿو. چوڪيداري ڪري ٿو. ڪالوُ آستاد جي چوڻ تي رڙيون ڪري نعرا به هڻي ٿو پر ڪوبه ڪم هن کي ٻه ويلا روٽي ميسر ڪري نه ٿو ڏئي. اِن ڪري هوُ مٺيءَ کي ڪجهه موڪلڻ ۾

# मानव उत्पीड़न की संवेदनात्मक एवं बिम्बयुक्त परिणतिः मणकू

(वरिष्ठ सिन्धी कवि वासुदेव मोही के काव्य संग्रह मणकु के हिन्दी अनुवाद के प्रकाशन पर पाठकों की व्यापक प्रतिक्रियाएँ प्राप्त हुई और पुस्तक का भरपूर स्वागत एवं सराहना हुई। कविताओं के अनुवादक श्री भॅवर सिंह पॅवार की टिप्पणी एवं विद्वान पाठकों की प्रतिक्रियाओं के कुछ अंश हम सुरभि के पाठकों के लिए दे रहे हैं।)

हरीश करमचंदाणी

## अनुवादक भवंरसिंह पॅवार की ओर से

श्री वासुदेव मोही रचित "मणकू"-सिंधी कविताओं का हिन्दी अनुवाद-मैंने श्री घनश्याम सागर के सहयोग से किया, जिसका प्रकाशन पार्श्व पब्लिकेशन द्वारा कुछ समय पूर्व हुआ। इस मूल साहित्य रचना को सिंधी-साहित्य अकादमी गुजरात से कवि किशनचन्द बेवस अवार्ड से सम्मानित किया जा चुका है।

श्री मोही की कविताओं को बार-बार सुनते, महसूस करते पाया कि वे मेरे अंदर अनेक चाक्षुक विम्बों (Visual Images) को प्रतिमूर्त करती जाती हैं। ये विम्ब आंचलिक और आदिम (Primitive) होते हैं। इन में नवजात ताजगी, अभिव्यक्ति की पारदर्शकता व तरलता भी है। श्री मोही की भाषा-सादगी कवीर की याद दिलाती है। छोटी-छोटी वातें तथा प्रसंग सादी भाषा द्वारा सहज अभिव्यक्ति पाकर सटीक तथा प्रभावोत्पादक वन जाते हैं।

'मणकू' सीधा-सादा अनपढ़ गरीव, शोषित अवोध ग्रामीण-आदिम पात्र है जिसकी विवशता, उत्पीड़न तथा भद्र (शायद अभद्र) लोगों द्वारा दुरुपयोग हमें झकझोर कर रख देता है, और 'मणकू' की पीड़ा निवारण में असहाय हम, अपने आपको ही 'मणकू' महसूस करते हैं। "उस गांव को जहां 'मणकू' ही 'मणकू' दिखें" समर्पण उवाच लिख कर आज के तथाकथित विकसित समाज या राष्ट्र के सामने प्रश्नचिन्ह ही प्रश्न चिन्ह लगा दिये हैं। मणकू सीधा सादा अनपढ़ ग्रामीण है। उसकी ठेठ वोली ही उसकी सही अभिव्यक्ति होगी वहीं वोली उसके पात्रलेखन के अनुकूल है। ऐसा सोच कर अनुवाद करते समय मैंने हिन्दी में दशेज शब्दों का प्रयोग किया है।

- भंवर सिंह पॅवार, अहमदावाद

## अनुवादक के पास आई हुई पाठकों की प्रतिक्रियाएं

'मणकू' का प्रकाशन देख आनंद हुआ। सुंदर प्रोडक्शन हुआ है। आपके ब्रश और

ग्राफिक सेन्स का इसको उत्तम लाभ मिला है और उतना ही लाभ आपकी अनुवादक शक्ति का मिला है। मैंने ये काव्य हिन्दी अनुवाद में पढ़े, मानो ऐसा लगा कि ये मूल हिन्दी में ही लिखे गये हों। मूल रुप से श्री वासदेव जी के ये काव्य मनुष्य के जिस स्तर के मानवीय दर्शन को शब्द प्रत्यक्ष करते हैं, वे उत्तम काव्य उसके गद्यलय के कारण हैं। यह लय हिन्दी अनुवाद में भी साद्यंत उतरा है। जीवन का संकेत भाषा है। भाषा, शब्द काव्य के उपादन हैं। साथ ही लय काव्य का सूक्ष्म उपादन है। कविता मूल में साउण्ड्स है। इसलिये कान का विषय है। जिसमे गद्यलय या पद्यलय कविता का प्राण है। आपके अनुवाद में मूल काव्यों का प्राण उतरा है। आप ऐसे अच्छे अनुवादक हैं, उसका जीवंत परिचय होने पर आनंद।"

-लाभशंकर ठाकर, अहमदाबाद

"वासुदेव मोही की काव्य रचना 'मणकू' पढ़ते समय एक ओर 'होरी' (गोदान) हल्कू (पूस की रात)... आदि औपचारिक चरित्र याद आते हैं, दूसरी ओर 'लोकराम' (रामदरश मिश्र), 'बैरागी आया गॉव' (उदय प्रकाश) 'आओ देखें' (जनकराज पारीक)... आदि हिन्दी कविताओं का स्मरण हो उठता है। 'होरी' का कम्वल, उसके जन्म से भी पहले का है और मणकू का कम्वल भी बाबा के जमाने का है। हल्कू को कुछ देर अलाव का सहारा मिलता है। लेकिन मणकू के पास माचिस तक नहीं है।... मणकू और उस जैसे अनेक लोग ठाकुर सेठ के हाथों उत्पीड़ित हो रहे हैं। गरीबी रेखा के नीचे का जीवन जीते ये लोग इसी जनतंत्र के नागरिक हैं-विश्वास नहीं होता। उन्हें सुख मिलता है तो जेल में....।

लेकिन इस काव्य संग्रह का वैशिष्ट्य केवल यथार्थ के कटु तिक्त चित्रों के चलते नहीं है। संवेदना कवि की असल पूंजी है और उसी के बलबूते पर "खुशी" "रोजगार" "भीख" "पाठशाला में प्रथम दिन", जैसी कवितायें लिखी गई हैं, जो संकेत देती हैं कि तमाम बीहड़ और भयानक संदर्भो के बीच कुछ रागात्मक क्षण और कुछ अच्छी चीजें बची हुई हैं।... "लोही" कविता के उल्लेख विना मणकू काव्य संग्रह की चर्चा अधूरी रहेगी। बच्चे की तुतलाहट की शक्ल में लिखी गई इस कविता में सामंती आतंक के प्रति घृणा को सशक्त अभिव्यक्ति मिली है।

इन कविताओं में जहॉ समय की प्रामाणिकता सघन रुप में है, वहीं संवेदनशीलता की प्रभावशाली उपस्थिति ने इन्हें मार्मिक और सम्प्रेषणीय बनाया है। अनुवाद इतना अच्छा है कि कहीं लगता नहीं कि हम अनूदित कवितायें पढ़ रहे हैं।

डॉ. वेद प्रकाश अमिताभ, अलीगढ़
सं. अभिनव प्रसंगवश

आप द्वारा अनूदित वासदेव मोही का मणकू काव्य संग्रह पढ़ा। अच्छी लगीं। आपकी अछन्दस कविता हिन्दी की अकविता की तरह ही है, जिसने कविता में नई जमीन तोड़ी हैं। संवेदना की दृष्टि से इन कविताओं में भी गांव की मिट्टी, वहां की आवोहवा वहॉ के प्रश्न और समस्याएं, वहां के आये दिन संघर्ष और तनावों से बनी सोच की एक दुनिया दिखाई दी, जो निश्चय ही अलग है। काव्य में स्थानीय रंगत है। कुछ कवितायें निश्चय ही अच्छी वन पड़ी हैं, जैसे- चौकीदार, रोटी-१, घर-१, दूर दूर, वापसी, वांझ, धुआं, कमाई, पाठशाला में प्रथम दिन आदि।... कविता का अनुवाद श्रम की अथक साधना है, जिसके लिये आप धन्यवाद के पात्र हैं। सिंधी के मानवीय सोच से परिचित हुआ इसके लिये भी धन्यवाद।

- डॉ. ज्ञानचन्द्र गुप्त, दिल्ली

मणकू का हिन्दी संस्करण मिला। श्री वासदेव मोही एवं उनके रचना संसार से हिन्दी जगत अवगत हुआ। श्री मोही की सोच समकालीन समाज की गहराइयों तक जाती है। उनकी इस सोच और काव्य सम्प्रेषणीयता को काफी कलात्मक अंदाज में आपने प्रस्तुत किया है। स्पष्ट है सिंधी और हिन्दी में आपकी समान पकड़ है। भाषायी विभाजन के क्रम में दार्शनिक प्रश्नों के निरुप तथा विवेचन में सैद्धान्तिक कठिनाईयॉ आती हैं, मगर आपने ऐसा नहीं होने दिया। आपकी विद्वता मणकू में परिलक्षित है।

- अनिरुद्ध सिन्हा, मुगेर, विहार

मणकू सिंधी साहित्य के अलावा हिन्दी साहित्य की भी एक वहुमूल्य पूंजी है। मणकू में भी वासदेव मोही की जितनी कवितायें हैं, वे मन में हलचल पैदा कर देने वाली हैं एवं शहरों और देहातों की सडकों और पगडंडियों में धूमती, विखरती और सिसकती हुई जिंगदी का पता देती हैं। चौकीदार, रोटी, घर, उमस और माटी आदि कविताओं में उनकी भावनाओं एवं संवेदनाओं का कलापूर्ण चित्रण है।

- रेहबर जौनपुरी, भोपाल

मणकू पुस्तक ने मुझे निहाल कर दिया। वहुत वहुत पसंद आया संग्रह, किसे वधाई दूं? मूल कवि वासदेव मोही को कि अनुवादक भॅवरसिंह पंवार को? समझ लें कि दोनों सुपात्र हैं।

मणकू- मणि-गांव- झौंपड़पट्टी-फुटपाथ-वच्चे-परिवार-मॉ सभी पात्रों की जो वर्ग विशेष यानी आम लोगों में खास वर्ग- इस सामान्य दुनिया पर लेखक की आत्मीय दृष्टि पड़ी है। वहुत पीड़ा छिपी है। मणकू की स्मृतियों में, अनुभवों में, सोच में, शव्दों में भी, मर्मस्पर्शी काया है यहॉ शव्दों की जनपदीयता या सष्ठस्थानीय वोली से स्नान कथ्य-कथन

दिलचस्पी पैदा करते हैं। सादगी व मार्मिकता इसे विशेष उल्लेखनीय कृति बनाते हैं। बिम्ब वर्णन तो प्रत्यक्ष हो उठता है। कमाई कविता में गहरी बात संकेत से उठाई है- चमन भाई, ये रामला, इतने दोस्तों को, छपरे में क्यों लाता है। संग्रह की अंतिम कविता घर-घर पूरी अंतर्कथा समेटते हैं।... कविताओं में बोलचाल के शब्दों-लहजों का प्रयोग हिन्दी को समृद्ध व अनुवाद को प्रामाणिक बनाता है।

- श्याम विमल, नोएडा

मणक संकलन की रचनाएँ अतिवाद तथा भूख, आर्थिक शोषण के खिलाफ जद्दोजहद की रचनायें हैं। वासदेव मोही का काव्य लोक अनुभवी तथा लम्बे चौड़े फलक का है। ये अपने वक्त और समाज पर सजग एवं सचेत दृष्टि रखते हैं तथा विसंगतियों से उपजे क्षुद्र संवेदनों को रचनाओं में पूरी ईमानदारी एवं निष्ठा से बुनते हैं। मणक की रचनायें ग्रामीण समस्याओं को केन्द्र में रखकर विनम्रता के साथ लिखी गई हैं। सामान्यतः अनुवाद में कविता की ध्वनि काफी हद तक नष्ट हो जाती है। परन्तु मणक संग्रह की कविताओं के अनुवाद को पढ़कर यह लगता है कि-कविताओं के भाव संवेद, भाव संयोजन, भाषा का एटीट्युड तथा काव्य की ध्वनि एवं लिरिकल एटीट्युड को आपने पूरी तर सुरक्षित बचाये रखा है। इसके लिये आप साधुवाद के पात्र हैं।

- राधे लाल विजघावने, भोपाल

मणक पढ़ गया हूं। छोटे-छोटे वास्तविकता से सहज उभरे हुए चित्र हैं, जिसमें निरीह जीवन, गॉव के लोगों की परवशता, वहॉ के बड़े लोगों की छोटों के प्रति हिकारत, दमन, रिब-रिब कर काटने वाली जिदंगी, और जिंदगी को चारों ओर से घेरने वाले अभाव, उन अभावों का अभिशप्त जीवन, अभावों में भी निर्दोष बालकों का खिलवाड़, वहॉ के साहूकार का कर्ज, जुल्म, माताजी के कोपों का अंधविश्वास- ये सारे के सारे सहजता से उभर आये हैं और उतर आये हैं। अनुवाद की भाषा में राजस्थानी (मारवाड़ी) भाषा का विशेष पुट रहा है। गरीबी, मजदूरी, बदहाली और ऑसुओं में पिरोये हुअे माला की भॉति है, यह सिंधी भाषा का अनूदित मणक। अनुवाद मूल के बहुत करीब बन पड़ा है, बधाई! औरतों के छाती कूटने और बुलडोज़रों के पीछे बच्चों के भागने के चित्र का जवाब नहीं। ओढ़नी का लीरा फाड़ना और बालों में उंगलियॉ चलाने की भी परेशानियों के बीच स्वाभाविकता है। अनुवाद ने हिन्दी जानकारी दी है सिंधी को। वासदेव मोही की सहजता उत्प्रेरक है।

- महीपाल, मुंबई

मणक की कवितायें भाव, शिल्प और कथ्य तीनों स्तर पर बॉधती हैं। मणक स्मपूर्ण

भारत की आत्मा है, ऐसी आत्मा जो गॉवों में वसती है। यह वह आत्मा है जो सदियों से व्यवस्था और राजनीति के दोहरे चरित्र के वीच दवती-पिसती रही है। कवि ने इसी आत्मा की पीड़ा को स्वर दिया है। कवि ने इस पीड़ा को वड़े नजदीक से भोगा है। इस प्रकार कवि ने उसकी पीड़ा, घुटन, संत्रास और विवशता पूर्ण त्रासदी का अभिव्यक्ति देकर वहुत वड़े सामाजिक दायित्व का निर्वाह किया है। मणकू जैसी उत्कृष्ट कृति का हिन्दी में अनुवाद कर आपने एक एतिहासिक और महत्वपूर्ण कार्य किया है।

- अनिरुद प्रसाद विमल

संपादक-समय पुनसिंया, वांका, विहार

श्री वासदेव मोही कृत मणकू की आप द्वारा अनुदित कृति मिली वहुत अच्छा संग्रह है।आपकी भाषा ने मूल की सुरभि को अक्षत रखा है। कवि श्री मोही को इतनी नायाव कविताओं के लिये वधाई।

- अरुण कमल, पटना

आपने वड़े जतन से कविताओं के अनुवाद किये हैं, आंचलिक संस्कृति का एहसास होता है।

- अशोक मनवाणी, भोपाल

मणकू में समकालीन जीवन की विभिन्न स्थितियों का बड़ा ही मार्मिक चित्रण इन कविताओं में किया गया है। कवि की संवेदना मन को छूती है। आपने वहुत ही जीवंतता के साथ मणकू की कविताओं का हिन्दी अनुवाद किया है।

-राम रतन यादव, मकसूदपुर, पटना

मोही जी का मणकू किसी एक भाषा, धर्म, जाति अथवा सम्प्रदाय का नहीं वल्कि हिन्दुस्तान के सर्वहारा आम आदमी का प्रतिनिधि है, इसीलिये उसका द्वन्द्व, उसकी संवेदना, उसका विद्रुप, उसकी पीड़ा, उसका आक्रोश, उसका भाव जगत पाठक को अपना सा लगने लगता है। संग्रह की कविताएँ मणकू के अंतर्भावों के शब्द चित्र वनाती हैं। ऐसे उत्कृष्ट संग्रह के लिये मोही जी को हार्दिक वधाई और कुशल अनुवाद से मौलिक धरातल प्रदान करने हेतु आपको साधुवाद।

-राजेन्द्र तिवारी तपोवन, कानपुर

मणकू के माध्यम से कवि श्री वासदेव मोही ने समग्र जीवन के अनेक पहलुओं पर कलम चलाई है। ग्राम परिवेश, आधुनिक विधायकों का निषेधात्मक रुप आदि को कवि ने उधेड़ कर रख दिया है। अनुवाद बड़ी कुशलता से किया गया है, मूल कविता जैसा

ही रस देता है।

कुंदल सिंह सजल, रायपुर, सीकर (राज)

मणकू की कविताएँ अपने प्राकृतिक गुणों के कारण सहज सरल एवं सम्प्रेषणीय हैं। शब्दशः पाठक के मन-मस्तिष्क से होती हुई उसके रक्त में प्रवाहित होकर उसके अनुभव का एक अंश वन जाती हैं। ये साधारण चरित्र जिन्हें प्राय हम अनदेखा कर देते हैं, वहां इन कविताओं में महत्वपूर्ण रुप में उजागर होकर अपनी उपस्थिति का एहसास वड़ी शिद्दत के साथ कराते हैं।

- केवल गोस्वामी, नई दिल्ली

आपने अनुवाद करते वक्त राजस्थानी शब्द शामिल किये। मावड़ी लफज पढ़कर तो सिर धुनने लगा, टावर पढ़कर भी मजा आया।

- नजीर फतेहपुरी, पुने

मणकू की ये रचनायें आज के इन्सान को आइना दिखाती हैं। कड़ुवा सच बोलती हैं, दिल को छू लेने वाली हैं।

- अमित चितवन, ग्वालियर

मणकू में आपने ग्रामीण परिवेश में जीते आम आदमी की मूक वेदना-भूख-गरीबी-संघर्ष-मणि मणकू की जिंदगी द्वारा दर्शाई है। कवि की सूक्ष्म दृष्टि समझ विचार संवेदनायें हर शब्द में झलकती हैं। पात्रों की परिस्थितियों की छोटी-छोटी बातें रेखांकित की हैं। इसे काव्यात्मक कथा भी कह सकते हैं। अनुवाद ऐसा जो मूल कविताओं का दर्द व्यक्त कर रहा है।

-कमलेश बख्शी, मुंबई

प्रथम द्रष्टया ही मणकू की कविताएँ अत्यन्त सशक्त लगीं, अनुवाद प्रभावशाली है। यथार्थ जीवन से उपजे शब्द इन्हें एक नई आभा प्रदान करते हैं।

- डॉ. हरिश निगम, सतना (म.प्र.)

कवि ने शहर में हो रहे नारकीयता, शहर के तौर-तरीकों, क्रूरता, अमानवीय व्यवहार से साक्षात्कार कर इन रचनाओं को लेखनता प्रदान की है।

- सुमति कुमार जैन
संपादक, जगमग दीप ज्योति, अलवर

جون رسيدون سنيالي رکندا آهيون. واسديو موهيءَ جي غزليہ شاعري ڪٿي اهي سنيالي رکيل رسيدون تہ ناهن- ورنہ هو بنا لائيف بيلٽ جي غزل جي گهري پاڻيءَ ۾ بي ڊپو ٿي ڇو لهي آيو آهي؟

پنهنجو وهنوار ڪجهہ ڦبيو ڪونهي
پيرُ ٻئي پيرَ سان هليو ڪونهي.

ڏاڍي اوندهہ جمع ڪئي آ ھُن
روشنيءَ جو ذرو بچيو ڪونهي.

مرڪي مرڪي ڪري ٿو ياشڻ هوُ
راز ھن جو اجا ھُليو ڪونهي.

نعرا ڊپ، ڀيڄ يڃان ڳُتيل جهوپا
ڪنهن ڇيو ڳوٺ هي وڌيو ڪونهي.

هر سِرونٻي تي رَت جو آهي داغ
ڪوسَ جو پيو ڪو سڳہ مليو ڪونهي.

ڪيڏي ڇُپ! جڻ ڪٿي نٿو ڪو ساهہ
ڪوئي لشڪر هتان لنگهيو ڪونهي.

موهيءَ جي ھن غزل جون هي سٽون نئين ڪوتا جا نوان images، نئين ذهنيت، نئون تصور ۽ نئين تصوير آياري بيٺيون آهن- رڳو نہ آيري آهي تہ غزل جي ڦهڪيل، تراشيل، ترار جي ڌار جهڙي تکي ۽ تيز ٻولي. ٻولي ۽ ڊڪشن خالص نئين ڪوتا جو آهي ۽ ڍانچو ۽ فارم ڦهڪيل غزل جو آهي.

شاعريءَ ۾ عام طور ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ خاص طور نئون فڪر ۽ خيال، نئون سوچ غزل يا بي موزون صنف واري پابند شاعر کي آزاد نظم يا مڪت ڪوتا طرف مائل ڪندو آهي پر واسديو جي حق ۾ نئين سوچ ۽ فڪر هن کي غزل طرف ان ڪري رجوع ڪيو آهي جو واسديو موهيءَ پنهنجن تجربن، آزمودن ۽ شاعراڻي Process مان سالن جي ساڌنا دوران گذرندي پاڻ ۾ اهي قوتون ۽ صلاحيتون پئدا ڪري ورتيون آهن جو ڪنهن گهري ۾ گهري، پيچيده کان پيچيده خيال کي ٻن سٽن جي هڪ بند ۾ گرفت ڪري سگهڻ لاءِ هن کي هاڻي ڪنهن ذهني ورزش جي ضرورت نہ رهي آهي.

تقابلي جائزو وٺڻ بنهه ناهي. مون رڳو اهو چتو ڪرڻ چاهيو آهي تہ موزون شاعريءَ جو هڪ نمائينده شاعر ڪيترو نہ direct آهي ۽ ٻئي طرف غير موزون شاعريءَ معرفت يا ماتحت موزون شاعريءَ طرف مُڙندڙ شاعرَ وٽ ڪيتري نہ شاعراڻي discretion آهي.

غزل جو ٻيو بند -

توکي خبر ئي ڪهڙي تپت ڪيڏي مُرڪ جي
سيني جي برف منتٺ ۾ وگهري وهي وڃي!

ڪرهندڙ دل جي پل پل جي پيڙا، مُرڪ جي تپت، سيني جي برف جو وگهري وهي وڃڻ، اکين جو زهر ڦڙو ڦڙو ٿي ٽپڪڻ جو عذاب ڀوڳڻ ڪانپوءَ ئي ان قسم جي شعر جي تخليق ممڪن ٿي سگهي آهي.

ها، هتي اسان کي وهي وڃڻ جهڙي expression تي ڪو اعتراض ان ڪري نہ آهي جو اها موزون شاعريءَ جي مجبوري آهي، ورنہ 'وهڻ' ۽ 'وهي وڃڻ' ۾ وڏو تضاد آهي. غزل جي ٽئين بند :

'ڪوڏر بجاءِ هاري کهاڙي ڪان ڪم وٺي
وحشت جا ٻج ڦٽن ۽ ڪٽي سِر لٽي وڃي.

وقت جي ويڙ ۾ وهي ويل، مدي خارج نام نهاد ۽ بدنام زمانا شاعريءَ وارو ترقي پسند خيال آهي - هتي وحشت لفظ جو غزل جي وحشت سان ڪو واسطو نہ آهي. بهرحال، ان تي وڌيڪ ڪجهہ بہ چوڻ جي ڪا گنجائش ئي نہ آهي.

هينئر مان ان غزل جي حاصل غزل بند تي ٿو اچان:

'بم گولا ڪارتوس ڪٽي ٿو گهمي جو شخص
ڪنهن ٻار جي اکين ۾ ڏسي ڪجهہ لهي وڃي.'

ارسطوءَ جي چوڻي آهي تہ 'هڪ معصوم ٻار جي مرڪ ۾ هن سڄيءَ ڪائنات جو جيڪو رهسيہ سمايل آهي، ان جي وضاحت مون کي سوَن سياڻن جي قولن ۾ بہ ڪٿي نظر نہ آئي آهي.' غزل جي هڪ بند جي ٻن سٽن ۾ آستاد ارسطوءَ جي قول جي ڪَوزي بندي واسديو موهيءَ جي فني مهارت سان گڏوگڏ غزل جهڙي صنف جي فن جي مشترڪہ ڪماليت پڻ آهي. انهيءَ ئي حوالي ۾ مون کي فنا ڪانپوريءَ جي غزل جو هڪ بند ذهن ۾ بار بار اُڀرندو آهي :

موت ڪيا هئہ زماني ڪو سمجهائون ڪيا
اڪِ مسافر ڪو رستي ۾ نيند آ گئي.

مصرع اوليٰ ائين هجي ها.

ڪيترا شعر- برائي شعر آهن :

غزل نمبر 14 : مون کي آرام سان سمهڻ ڏي تون،
مون کي ڪيڏانهن ڪونه وڃڻو آ.

يا غزل نمبر 24 :

ٻر ۾ ٽڪڙو وڃي لڪي ٿو نانگ،
ڪيترو خوامخواه ڏڄي ٿو نانگ.

هن شعر ۾ ''خوامخواه'' لفظ جي جائزگي ڪانهي ان ڪري شعر برائي شعر ٿي پيو آهي، جي شاعر چوي ها-

هت ته هرڪو پاڻ ۾ پورو...
خوامخواه ڏڄي ٿو نانگ... ته بهتر هئو.

هيٺيون شعر پڻ ڪجهه پرولي جيان لڳي ٿو-
تڪراري لفظن جو ميل آهي جنهن ۾، مگر مطلب؟

غزل نمبر 25- ڏاڍي اونده جمع ڪئي آ هُن،
روشني جو ذرو بچيو ڪونهي.

ساڳي غزل ۾ هڪ عمدو شعر :

هر سروڻي تي رت جو آهي داغ،
ڪوس جو پيو ڪو سڳه مليو ڪونهي.

هڪ غزل نمبر 29 جو، سهڻو شعر، جو استعاري جي رنگ ۾ رڱيل آهي :

ڪيڏو ڳالهائين هڪ ٻئي سان پکي،
هڪ ٻه ناهي شهر جو ڪو جهنگ ۾.

هڪ ٻيو حسين شعر- غزل نمبر 31 ۾:

مان ته خاموش، هو به ڪين ڪڇيو (هن پڻ)،
ياڪرن اوريون، پئي اڪيلايون.

هن رچنا جو جذباتي ماحول-ٻڌائڻ کان ٻاهر آهي صرف، احساس جي درياهه ۾ لڙهي وڃڻو آهي.

ائين، هن شعري مجموعي ۾ ڪيترا بلند پائي جا شعر آهن جي شاعر

جي عظيم هنڌ جو، نئين فڪر ۽ فن جي ماهر هنڌ جو ڏس ڏين ٿا.

هڪڙو پهلو جو، مون کي بري طرح کٽڪي ٿو، هن شعري مجموعي ۾، سو آهي، ”شعري ڪيفيت جي ڪمي“. ان ڪمي جي بدولت، شعرن ۾ حوالپڻي جو جوهر نهايت ئي جهڪو آهي. نبل آهي- اهو ان ڪارڻ جو موهي،

١- ٺهيل ٺڪيل زبان جي پرهيزگاري جي سخت پيروي ڪئي آهي.

٢- زبان جي تراش خراش ۾ سڄو ڌيان ڏنو آهي.

٣- نيون تشبيهون، نظارن جي ڪوج ۾، تمام فڪري سرمايو لٽايو آهي- پرهن، اسلوب- بيان ڏانهن، اڪ يي نہ ڪنئي آهي. ان ڪوٽ شعري ڪيفيت کي ڌهرم رسايو آهي. هڪ سٺي غزلگو شاعر لاءِ، تمام اهم آهي تہ هوُ، ان طرف جوڳو ڌيان ڏئي.

اعليٰ خيال، عمده طرز-ي ادائگي سان، جذباتي تسڪين ۽ ذهني آسودگيءَ جو سبب ٿئي ٿو.

روايتي شاعريءَ جي چاهڪن کي هي ڪتاب ”صبر آزما“ لڳندو ۽ روشن دماغ رکندڙ شاعرن لاءِ سوچ جا نوان رستا کوليندو.

سنڌي شعري ۾ هي مجموعو اضافو آهي ۽ خاص مقام حاصل ڪندو.

-14-3-06

رچناڪار کي ’لوچ‘ ۽ ’لوچ‘ زنده رکندي آهي. لوچ-هميشه ڪنهن نئين چيز جي ڪوج لاءِ ۽ لوچ آن چيز کي اِظهار جي نون اوزارن ذريعي پيش ڪرڻ لاءِ.

- واسديو موهي
ورهاڱي کانپوءِ سنڌيءَ ۾ وروڌ ڪويتا-اِنڊو-پاڪ سيمينار، ڪلڪتہ، 17جون 2006

شاعري مون لاءِ ٻوليءَ جي اڪ ۾ نهارڻ آهي. اڪ ۾ نهارڻ محض ڏسڻ ڪونهي، اِهو چوڻ جي ضرورت ناهي-هر نِهار کي پنهنجي الڳہ معنيٰ هوندي آهي، جذبو هوندو آهي-جڏهن ڪو لفظ شاعريءَ ۾ اُڀجي ٿو تہ اُن جو هڪ الڳ وجود سامهون اچي ٿو. اُنجو نثر ۾ ڪم ايندڙ پهلو اُتي ڪارگر نٿو رهي. نثري معنيٰ جي کول (Shell) مان آهو ٻاهر نڪري پنهنجي لاءِ دِشا/دِشائون طئہ ڪري ٿو. لفظن کي پنهنجن ٻنڌنن کان آجو ڪرڻ شاعر جو پهريون ڪم آهي.

- واسديو موهي
مقالو، نوان آواز-شاعري-’سيا‘ جو مانڊو سيمينار-سيپٽمبر2004)

کي ڏسڻ آهي پنهنجي وويک جو عکس ڏسڻ-وويک کيئن ٿو ڇهنڊڙي پائي؟ عکس ۾ ڏار پئجي ٿا وڃن. آرسيءَ فقط ڇهري جو اولڙو نٿي پيش ڪري پر وويک جي وڍ کي به ظاهر ڪري ٿي.

ساڳيو ئي خيال شاعر ٻئي شعر ۾ پيش ڪري ٿو.

- توکي ڳهنجيل سچايون ياڻ پون،
اڪه تون شيشي سان ڪئن ملائيندين.

هتي شاعر اُن شخص جي تصوير پيش ڪئي آهي جيڪو هميشه 'سچ' کان انڪاري آهي، ڇو جو 'سچ' هوُ پسند نٿو ڪري.

سچائيءَ کان مُنهن موڙي، پاڻ کي دوکي ۾ رکي دنيا سان دنيا جهڙا ٿي هلڻ وارا، سچ کي ٻُڌي ڏيندا آهن ۽ اُن جي ڪٺورتا کي قبولڻ لاءِ تيار نه ٿيندا آهن.

- 'تون آرسي ٿو پڇين، جيئن ڏسين نه پنهنجو پاڻ،
نظر ڪندين ته سوين عکس منهن ٻڻائيندا.

## اڄ جي اِنسان جي تصوير

اڄ جو اِنسان حالتن اڳيان بيوس آهي. هُن پنهنجا سڀ غم، سڀ پريشانيون، سڀ سپنا ميساري ڇڏيا آهن.

جتي چاهين اُڏائي ڇڏ، پکيڙي ڇڏ،
زماني جي هوا! تو تي ڇڏيل آهي.

هوُ جڳ دنيا سان پنهنجا سڀ لڳ لاڳاپا ٽوڙي وينو آهي. هُن لاءِ اِهو ئي ڪافي آهي ته هوُ ساهه کڻي پيو ۽ جيئي پيو. شاعر اهڙي اِنسان جي اڪيلائيءَ جو اندازو سندس گهر جي چائنٽ تي جميل سينوَر مان لڳائي ٿو. نه هوُ پنهنجي گهر جي چائنٽ اورانگهي ٻاهر وڃي ٿو ۽ نه ڪو يار دوست مٽ مائٽ وٽس پير پري اچي ٿو:

پنهنجي چائنٽ تي سينوَر جميل ٿو ڏسان،
وقت گذريو، نه آيو نه ويو ڪو هِتان.

موهيءَ جي شعر ۾ اڄ جي اِنسان جي بيوسيءَ، مجبوري، ۽ سماج جي ڪٺورتا ۽ بي دردي جون تصويرون، نهايت تکن رنگن ۾ ملن ٿيون. سندس شاعريءَ ۾ ڪردار سادو به آهي، محنتي به آهي ۽ وقت ۽ سماج جو ستايل به

’برف جو ٺهيل‘ پڙهندي مون کي سندس هينئين ٻن شعرن ڏاڍو جهوريو آهي. مون کي اهڙا گهائيندڙ شعر، سنڌي شاعرن وٽ نہ مليا آهن جيڪي ماءُ جي ممتا ۽ پيءُ جي پيار جي اهڙي جاندار تصوير پيش ڪندا هجن:

ٻار ڪنهن تي ويو آ، پيو سوچي،
هٿ ڳُهمائي اکين سڄو جوڙو.

لاش ٻيٻوءَ جو آهي پڪ، پر امان،
ڪپڙو سوري وري ڏٺو آهي!

منهنجي ڪامنا آهي تہ موهيءَ جي شاعري اڃا بہ زندگيءَ جي ويجهو وڃي ۽ ثابت ڪري تہ نئون خيال، ۽ خيال جي قوّت فقط ڪي نوان تراشيل لفظ پيش نہ ڪندا آهن ۽ نہ ٻي جان تشبيهون ۽ استعارا ئي نئين شاعريءَ جي ضمانت ڏين ٿا. پر نئين خيال جو اِظهار پابند شاعريءَ ۾ بہ نهايت سادگيءَ سان ۽ برجَستي نموني ڪري سگهجي ٿو.

**(23.9.2006)**

"Barf Jo Thahyal" Literally means 'Made of Ice.' It is a collection of Poetry by Vasudev Sidhnani "Mohi". In this Book he has Given new dimension to Classical Ghazal form by investing it with modern sensibility in content as well as in idiom. Normally Ghazal as a traditional form tries to tickle and create an impact with dramatic effect. Mohi has made a complete departure from this established form and his ghazals leave an amazingly soothing feeling. As one reads his poetry it creates an aura of innocence and at times his poetry leaves one speechless.

First couplet of his Title poem may be roughly translated as:

He is made of Ice, melts drops by drop
He mutters a word or two, is speechless

He has obviously laboured for years together to have complete mastery over the Ghazal form and its fine intricacies.

With this book he has blased a new trail which will inspire the Poets for many years to come.

Mohan Gehani
IHS News Bulletin-Jan 2000

# ساڄ منهنجو سياءُ ٿي پيو آ...

## (هند جي حسين سنڌي شاعر واسديو موهي جي غزلن جو اڀياس)

ساجد سومرو

جڏهن مون کان ڪير پڇندو آهي تہ شاعري ڇا آهي؟ ۽ اِنهيءَ جي وصف ڇا آهي...؟ تڏهن منهنجي شعور جا قدم ٿڙڻ لڳندا آهن... منهنجي احساس جي آڪاش تي ڳجهہ جا رنگ برنگي بادل اچي ويندا آهن... ۽ نتيجي ۾ مان صرف مُرڪي پوندو آهيان... آها مُرڪ جيڪا پنهنجي سيني ۾ معنيٰ جون سوين ڏارائون رکندي بہ ڳجهہ جي ڳوٺڙي ۾ ويڙهيل محسوس ٿيندي اٿم... آها مرڪ بين لاءِ پلي منهنجي لاعلمي جي گواهہ ثابت ٿئي پر آها مرڪ مون لاءِ سغراط جي چپن تي آيل گلابن جهڙي آخري مرڪ جيان مانائتي هوندي آهي... مان ڄاڻان ٿو شاعري جي وصف لمحن جي ڏاڳن ۾ ويڙهجي نٿي سگهي. هڪڙي سِٽ شاعريءَ جي ڪائنات جيڏي وشال معنيٰ کي پنهنجي ڀاڪر ۾ پڪوڙي نٿي سگهي... ۽ زبان مان نڪتل چند لفظ خدا جي خاموشي جهڙو احساس رکندڙ هن اِظهار جو اولڙو بڻجي نٿا سگهن... بهرحال اها ڳالهہ ڪتابن ۽ ڏاهن جي ڏات ڏسي ٿي تہ شاعري ڪائنات ۾ موجود سمورن علمن کان نفيس، نرم ۽ احساساتي علم جو نالو آهي... منهنجو ويساهہ آهي تہ جيستائين هن ڪائنات ۾ موجود هڪڙي بہ ماڻهوءَ جي اک ۾ ڪنهن خواب جو اولڙو جرڪندو، تيستائين شاعري زنده رهندي، ڇو تہ شاعري زندهہ ماڻهن ۽ زندهہ قومن جو منظوم اِتهاس آهي...

واسديو موهي، جيڪو مون کي پهرين نظر ۾ ئي سنڌي صورتخطي جي ڀاونجاهہ اکرن وانگر وڻندڙ ۽ موهيندڙ لڳو هو. سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي ڪشادي ڪاريڊور ۾ هن مون کي ممبئي شهر جيڏو ڀاڪر پائي پيشانيءَ تي مٺي ڏيندي چيو هو تہ ’سهڻا! مون تنهنجي نثر جي ڏاڍي واکاڻ ٻڌي آهي ڪيرت (ٻاٻاڻي) جي واتان... آشا اٿم تہ تون منهنجي ڪوتائن تي لکين...!‘ مون ڪيس هٿ ٻڌندي چيو: ’دادا! توهان جي آشا مون لاءِ اعزاز آهي... مان توهان جي ’بسنت رُت جي ٻاڪ ڦٽيءَ ’جهڙي شاعريءَ تي ضرور لکندس...‘

هِن پل جڏهن منهنجي ’اسٽڊي روم‘ ٻاهران، آسمان روئي رهيو آهي... ۽ ڪنهن پل آڪاش تي ڪنوڻ جا چمڪندڙ تجلا اوچتو محبوب جي تڪڙي ديدار وانگر غائب ٿي رهيا آهن، تڏهن مان هندستان ۾ نارائڻ شيام کانپوءِ ڪونج

کان اڳ ئي ماڻهو پنهنجي اندر ۾ پوُري ڇڏيندو آهي، پر موهي پنهنجي اندر ئي پوُر کي من جي قبر ۾ نٿو پوُري:

منهنجو اُتساهه نه ماپي سگهندين
ٻار جي مُٺ ۾ لِڪل آهيان مان
منهنجي هر چيز سنڀالي ٿو رکين
شهر شايد ڪو ڊنل آهيان مان
ڇنب ۾ ڪڪُ ڏسان، گهر لڳندو
پيٽ جي ٻاڇي ۾ وهان گهر لڳندو
ڪٽُ چڙهيل تالو ڏسي، هبڪي هوُ
۽ مان ڪُنڊو ٿي وڃان، گهر لڳندو.

مان سنڌ جي سانجهيءَ جهڙي خوبصورت شاعر ارجن حاسد جي ان راءِ سان سهمت آهيان ته: ’موهيءَ جي غزلن جي نجي سڃاڻپ رديف آهي، عجيب معنوي رديف، جهڙي اڳ ڪڏهن، ڪنهن به شاعر ڪم آڻڻ بابت، ڪڏهن سوچيو به نه هجي.‘

مان سمجهان ٿو، موهيءَ جا غزل نه رڳو رديف جي لحاظ کان پر ٻولي، موضوع، موسيقيت ۽ نغمگيت جي لحاظ کان پڻ پوري مينهن جي ٽٽڻ مان نڪتل تازن گوهن جهڙا نج پنهنجي ماحول مان ڪوريل آهن... اها غزلن تي شاعر جي سگهاري فني گرفت ۽ ان جي مزاج جي مڪمل ڄاڻ ۽ سڃاڻ جو پڪو پختو اهڃاڻ آهي... هونئن به شاعر جيسين اِنسان جي اندروني احساس کي لفظن جي لانوءَ تي ويڙهي زوم سان پڙهندڙ جي سيني تي هٽي تڪ نٿو پڏرائي، اوسين سندس شاعري ٺلهن لفظن کان وڌيڪ ڪجهه به ناهي:

ڏاڍي اوندهه جمع ڪئي آ ڄڻ
روشنيءَ جو ذرو بچيو ڪونهي
منهنجي مُٺ ۾ رهي به ڇا آخر
ڪجهه به دونهين سوا رکيو ڪونهي
ڪنهن به آواز تي هلڻ ٿو لڳان
سچ آهي ته تو سڏيو ڪونهي
نيٺ ڇا سمجهي شاعري ٿو ڪرين
اُپ لهي ايندو، ڇانورو ملندو!

موهي محبت جو شاعر آهي ته محبت به اها جنهن جي ڪابه مخصوص

جيئن ئي ڪريس، جمع ٿي وئي ڀيڙ چوطرف
ماڻهن کي ڪيترو نہ ڀين جو خيال آ
منهنجون وشالتائون
ساگر ڀيو بيابان
پوپٽ جا رنگہ لاهي
موهي بہ کهڙو اِنسان!

موهيءَ جا غزل زندگيءَ جو احساس آهن، آس ۽ چانوَ جي اها راند آهن، جا سانوڻ جي سانوري رُت ۾ ڪڪر ڪيڏندا آهن. موهي پنهنجي نالي جي سادگيءَ جيان پنهنجي ڪلا ۾ بہ بنهہ سادو ۽ سڀاجهو آهي... ۽ مان ڄاڻان ٿو تہ موهيءَ جي ڪلا امر آهي ۽ امر رهندي. هونئن بہ ڪلا تہ هر صورت ۾ امر آهي... جيڪڏهن اها ڪلا آهي تہ، پوءِ چاهي ان کي تنقيد جو ڪارو ڪفن پارائي دفن ڇو نہ ڪيو ويو هجي... قبر کي اَپار ڦيندو آهي، پنهنجي **Prominence** هوندي آهي.

(ڄام شورو)
سپون/اپريل جون 2006

Vasdev Mohi: Chuhinub-a mein kakh, Ghazals and poems, - A book of poetry by Vasdev Mohi needs no comment. It is refreshingly excellent in concept, imagery and theme. The poems of social behaviour and realities, of personal relationships and their hurts and wounds, every poem is an insight into human behaviour, human perfidy and human endurance, of social inequities and stark realities of human relationships in a Society that has behind it a history of hypocrisy of many millennia, to cope with which needs Indian endurance levels that no other society can equal. What a wonderful expose of agonies of human relationships that can neither be snapped nor ignored, but must be endured here on earth. Who says hell is beyond this earth. It is here and now, in India, in family life, in Indian social system, each suffers his/her own brand of inferno. The imagery of the Ghazals is original and fresh, not the moon and river variety.

J.M.Girglani-Editor Sindhi Ratan
April-June 2002

# مهڪ جي ڏڻ

## پوَن ڪمار

سنگيت کي عام پسندگيءَ جي ڏانوَ جو ٻڌائڻ لاءِ نَي رس بلڪل لازمي ٿي پون ٿا. هڪ آهي شرنگار رس، ٻيو شوڪ-رس ۽ ٽيون ڀڳتي رس.

تڪنيڪي يگ جي شروعات کان پهرين جي شاعريءَ ۾ عشق، محبت، شراب، شباب ۽ ميخانو چانيل رهيو. سنگيت جي انيڪ راڳ راڳڻين ۾ يا تہ شرنگار-رس آهي يا شوڪ-رس. تنهن وقت جي قابل سنگيتڪارن ۽ گائڪن پنهنجي سوجهہ ۽ فن سان اَن وقت جي شاعريءَ کي اِنهن رسن ذريعي اهڙو ڀُر-اثر ٻڌايو آهي جو امر ٿي پيئي آهي. آهو سڄو دؤر جذباتي شاعري ۽ سنگيت جو هو. تڪنيڪي يُگ جي شروعات سان جيئن عام ماڻهوءَ جي زندگي بدلي تيئن شاعريءَ ۾ بہ بدلاو آيو. دل جو دؤر پورو ڪري اَڄ دماغ جي دؤر ۾ جيڪا ڪوتا لکي وڃي ٿي اَن کي ماڊرن شاعري سڏجي ٿو.

شاعر واسديو موهيءَ جو شمار نئين شاعريءَ جي شاعرن ۾ آهي. نوان وشيہ ۽ نوان ويچار کڻي ۽ شاعريءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ آپيوگ ٿيندڙ لفظن جي چونڊ ڪري جنهن ترتيب سان خيالن کي غزل ۾ قلمبند ڪيو ويو آهي سو شاعر جي Intelligence جو Indicator ٿي پيو آهي. اهڙي شاعر واسديو موهيءَ جي غزلن کي ڪمپوز ڪري ۽ ڳائي ڪئسيٽ جي روپ ۾ رليز ڪرڻ جو طيءِ ٿيو ۽ موهي صاحب مونکي پنهنجا بہ غزل جا ڪتاب ’برف جو نهيل‘ ۽ ’ڇَهنب ۾ ڪڪ‘ غزل جي چونڊ ڪرڻ لاءِ ڏنا. ڪن ائين بہ چيو تہ موهيءَ جي خشڪ شاعريءَ کي ڪمپوز ڪرڻ ۽ ڳائڻ ڏکيو ٿيندءِ.

چونڊ لاءِ پڙهندي پڙهندي مونکي خود نون احساسن جو آزمودو ٿيو ۽ ماڻڻ شروع ڪيم. ڀل شاعريءَ جو لفظي جامو ۽ خيال بلڪل الگ آهن تڏهن بہ واسطو تہ آخرڪار ڪنهن نہ ڪنهن جذبي سان آهي. پوءِ ڀل ويچارگي، لاچاري، گهٽن ۽ آڪروش ئي ڇو نہ هجي.

منهنجي سمجهہ موجب، سنگيت جي بندش ۾ ٻڌجڻ بعد شعر جو خيال enlarge ٿئي ٿو ۽ ڀيٽو اثر پئدا ڪري ٿو. شرط اِهو آهي تہ بندش ۾ ڪن-رس پئدا ڪرڻ جي طاقت هئڻ گهرجي. عام ٻڌندڙ لاءِ ماڻڻ جي شروعات بندش کان ٿئي ٿي ۽ بعد ۾ هوُ لفظن کي ماڻڻ شروع ڪري ٿو.

اِهو سڀ ڌيان ۾ رکندي، هڪ هڪ غزل چونڊي، اَن کي ڪمپوز ڪندي، ڪٿي بہ غزل جي بحر-وزن ۾ گهٽ-وڌائي ڪونہ محسوس ٿي ۽ لڳو نون خيالن ۽ جذبن کي سنگيت جو نئون ڌامو پهرائي سگهجي ٿو. ان وشواس

رنگ لاتو ۽ چونڊ ڪندي جن غزلن کي مون ماڻيو سي بلڪل سولائيءَ سان بندش جو روپ وٺندا ويا.

’مهڪ جي ڏن‘ عنوان سان ڪئسيٽ ۽ سي.ڊي، اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي زير سايي رليز ٿيل آهي. موهي صاحب جي پهرين ڪئسيٽ کي ڪمپوز ڪري ۽ ڳائي لاشڪ تمام گهڻي خوشي ٿي محسوس ٿئي. منهنجي پڻ سنڌيءَ ۾ هيءَ پهرين ڪئسيٽ آهي. 100 سيڪڙو نباهڻ ڪنهن به فنڪار لاءِ ممڪن نه هوندو آهي. هيءَ پهرين ڪوشش ڪيتري قدر ڪامياب ٿي آهي اِهو رايو ٻڌندڙ ئي ڏيئي سگهن ٿا.

## واسديو ’موهي‘- جديد شاعريءَ جو هڪ خواب

### گهنشيام واسواڻي

واسديو ’موهي‘ سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هن شاعر کي ٻين سان ڀيٽڻ مونکي ڪجهه ڏکيو ٿو لڳي. هر حال ۾ نئون، هر انداز ۾ اڳرو، نئين رواني، مجسم جواني، مطلب ته هر چال ۾ ڪجهه الڳ. اڄ جي زندگيءَ جي صحيح ۽ تُز ترجماني هن جي شاعريءَ جو هڪ انوکو ذخيرو بڻي رهيو آهي. غزل ’موهي‘ جو خاص اسم آهي. ويچارن جي پختائي، ڌرتيءَ جي سُرخين جي بخوبي ڄاڻ، ڳائڪي انداز جي گهرائي، سيني جي ملبل نسخي کي پنهنجو، صرف پنهنجو ڪري پيش ڪرڻ لاشڪ موهي صاحب کي سيني ڪان الڳ رکندي به عوام جي اڳيان آندو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ اِهو ڪجهه آهي، جو ور-ور ڪري پڙهڻ سان، گنگنائڻ سان نت نئون ٿو لڳي.

واسديو ’موهي‘ کي سمجهڻ ۾ مونکي وقت ضرور لڳو، هنجي شعرن کي ترنم ۾ آڻڻ لاءِ مونکي ڪجهه سوچڻو پيو، ڪجهه نئون ڪرڻو پيو، پر جئن جئن لفظ لئه ۾ لهرائڻ لڳا، منهنجي سُرن جي آڏام به وڌندي رهي ۽ ائين ئي ’موهي‘ جي غزلن جو غنچو ’۽ پوءِ...‘ جي نالي سان پيش ڪرڻ ڪانپوءِ مونکي به ڪجهه ڪجهه پاڻ تي رشڪ لڳڻ لڳو. اڄ به هنجون هي سٽون ور ور ڪري مونکي ستائن ٿيون ۽ موهيءَ جي موه ۾ ڦاسائن ٿيون:

’سچايون سڀ رُلنديون هونديون
سپنن جا در پڇنديون هونديون
وڃ ڪکر پاڻ ۾ رٿيو ۽ پوءِ...
سمنڊ مُرڪيو نديءَ کليو ۽ پوءِ...‘

۾ وزيرن جي ڪوڙن دلاسن آسرن جو بيان ڪري عوام جي سرڪار مان نااميدي ۽ بي وشواسيءَ جو بيان پوين ٻن سٽن ۾-''اڪين ۾ ننگيل سپي سپنا/ ڪلين سوڌا لاهي ڇڏيا آهن'- واه جو ڇتائي سان ڪيل آهي. اهڙيون سٽون سنڌيءَ ۾ ڏاڍو مشڪل سان ملن ٿيون. پوئين بند ۾ عوام جي شيوڪ منسٽر جي عياشي زندگي (جا پسيني جي بوءِ تي فينٽ ٿي) ۽ عوام جي موتمار محنت ۽ تڪليفن (پسيني جي بوءِ) جو بيان ۽ سرڪار ۽ عوام جي وچ ۾ وڌندڙ دوريءَ جو (ويجهو نہ اچين) واه جو خوبيءَ سان بيان ڪيل آهي. پهرئين بند ۾ حقيقت ڪان اکيون ٻوٽي هندستان جي قديم پوترتا ۽ وڏائيءَ جو هوڪو ڏيندڙن جو موجوده حالتن ڏي ڌيان ڇڪايل آهي.

(ڪوتا-ٻماهي/مارچ 1972)

# سنڌي شاعريءَ جا پنجاه سال

## نارايڻ ڀارتي

مونکي لڳي ٿو تہ نوجوان نقادن ۾ اجهل ئي آهي، جنهن ڪا بہ رک رکاءُ نہ ڪري صاف گوئي ڪئي آهي-۽ ان دؤر يعنيٰ پهرين ڪڙيءَ ۾ عزيز، بيوس ڪان ضيا صاحب کي اول درجو ڏنو آهي، ۽ هنکي ترقي پسند شاعر سڏيو آهي.

اڄ ڪلهہ مون ڏٺو آهي تہ ڪتابن تي، شخصن تي راءِ زني ڪندي صاف گوئي يا بي رياءُ نموني ڪنهن بہ ڪجهہ نہ لکيو آهي. هرهڪ جي دل جي ڪنهن ڪنڊ مان يا تہ پاسخاطريءَ جي راءِ پئي آئي آهي يا تہ ضد جي.

ٻئي دؤر يا ٻي ڪڙيءَ ۾ هن جيتوڻيڪ اياز ۽ شيام بہ ڪنيو آهي تہ دلگير ۽ شاد بہ، آنچل ۽ راهي ڪنيو آهي تہ گووردن ڀارتيءَ کي بہ. پر هن سڀن آهوجا کي مٿيون درجو ڏنو آهي.

اهڙيءَ طرح ٽئين دؤر يا ٽينءَ ڪڙي جي شاعرن ۾ واسديو موهي کي هن پسند ڪيو آهي.

ان مان لڳي ٿو تہ، هي ڪن جي پرسڏيءَ يا مشهوريءَ جي جار ۾ نہ ڦاٿو آهي، ۽ نہ وري پنهنجائپ جي موه ۾ يا عالميت جي رعب هيٺان دٻجي ويو آهي. پر پنهنجي ڄاڻ مطابق، جيئن هن برابر سمجهيو آهي، تيئن چيو اٿس، سو بہ مثال ڏيئي ڪري. ائين فقط سڪٽو رايو ڪونہ ڏنو اٿس. هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ اهم جڳهہ والاريندو، اهڙي مونکي اميد ئي نہ بلڪ پڪ آهي.

٢٥، جولاءِ ١٩٧١ع

# آسمان ڪيڏو هيٺ آهي!

## موهيءَ جا غزل ۾ ڪائنات جا عناصر

گوپ ڪمل

واسديو موهي اڄ جي دؤر جو هڪ اهڙو شاعر آهي جنهن جي شاعريءَ کي پڙهڻ/سمجهڻ/ماڻڻ لاءِ روايتي تنقيد جا سڀ ماڻ ماپا، قاعدا قانون بيڪار آهن، ڇاڪاڻ تہ موهيءَ شاعريءَ جا اهڙا نوان پيچرا ڦاهيا آهن جن جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ نون ماپن جي ضرورت آهي.

واسديو موهي جديد سنڌي غزل ۾ هڪ الڳ مقام رکندڙ معتبر شاعر آهي. موهيءَ بيان بازي، بي رنگ، هار جيت ۽ غير ضروري قافئي پيمائيءَ جي سيني رُجحانن کي ڇڏي الڳ راه ڦاهي آهي. جيڪا سندس سيني غزل ۾ نمايان آهي. موهيءَ جي غزلن ۾ جديد طرز احساس سان هڪ اهڙي فني پختگي آهي جو کيس هڪ طرف روايتي شاعرن کان الڳ ٿي ڪري ۽ ٻئي طرف جديد شاعرن جي صف ۾ کيس مختلف ممتاز بڻائي ٿي.

موهيءَ جي غزلن ۾ (Celestial) آسماني عناصرن جهڙوڪ آسمان/آڀ، سج، آس، چنڊ، تارا، بادل/ڪڪر، برسات، هوا ۽ (Terrestrial) زميني عناصر جيئن تہ سمنڊ، ندي، رڻ پٽ، واري، پهاڙ/جبل وغيره جو ذڪر بار بار نئين انداز ۾ آيو آهي.

موهيءَ پنهنجن غزلن ۾ سمنڊ جو ذڪر وڌيڪ ۾ وڌيڪ پيرا ڪيو آهي، پر ڪڏهن بہ ڪو دهراءُ ڪونہ ڪيل آهي. ساگر سان پنهنجي لڳاوَ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو :

بدن منهنجي ۾ سمنڊ جو آهہ واسو
لڳاتار مونکي رُلائين ڇوليون.

رشتن کي بہ هو سمنڊ جي حوالي ۾ پيش ڪري ٿو :

هوندي تنهنجي ڪا دشمني مون سان
سمنڊ ۾ زهر ڪيئن مِلائيندين!
مينهن وسڻ وقت صرف سمنڊ پسيو
کيت ننڊ ۾ بہ وڦلندو ٿي رهيو.

کيت کي ننڊ ۾ وڦلائڻ جو نئون تصور موهيءَ وٽان ئي اچي سگهي ٿو.

هڪ مسلسل غزل وانگر موهيءَ سمنڊ تي سمورو غزل لکيو آهي ۽ ڪمال وري اهو جو سڄي غزل ۾ سمنڊ جو ٺالو صرف هڪ شعر ۾ ئي آيو آهي :

سمنڊ سطح تي چنڊ ڪنبي جئن
پنهنجا رشتا ائن ڳهمڄن ٿا.

۽

ڳوٺ کان دور ڪِڙي سمنڊ مٿان
چنڊ ويڳاڻو لڳي سمنڊ مٿان.

موهيءَ جي شاعري زندگيءَ جي آسائش کي ڪڏهن به حرص ڀريل نظرن سان نٿي ڏسي ۽ نه ئي ان جي طلسم ۾ گرفتار ٿئي ٿي. سندس عيش فقط ايترو ئي آهي :

چنڊ اڄ چانهه تي گهرايو هو
ڪجهه نشيدار پي وران ٿو مان.

يا

دير تائين نشي ۾ رهيس
رات مون چنڊ جا ڍڪ ڀريا.

سمنڊ ۽ نديءَ بعد موهيءَ جو پيارو لفظ سڄ آهي. پنهنجي دل جو بيان به سڄ ذريعي ٿو ڪري :

سڄ منهنجو سياءُ ٿي پيو آ
لفظ هرهڪ رڳو تپت ٿو ڏئي.

موهيءَ جي شعرن ۾ فوٽوگرافيءَ سان گڏ چترڪاريءَ جو به احساس شامل آهي:

صبح ۽ شام ٻئي هنجا لڳن
روز سڄ تلڪ ڪري سمنڊ مٿان.

۽

ڪيئي موتي ڇهي وٺي ڏرتي
ڪوڏرون جئن هلن تکي اُس ۾.

سڄ کي رديف بڻائي موهيءَ سڄ جا الڳ الڳ روپ پيش ڪيا آهن:

شاهوڪاري رڻ پٽ جي ڏس
پلٽي ماري سڄ ويٺو آ.

تصوير ڪشيءَ جو ٻيو هڪ سهڻو مثال ڏسو :

رنگ چولين جا ٿا اِشارا ڪن
سڄ جهڪندو ڏٺو مون نوڙيءَ تي.

پنهنجي وجود جو احساس ڪرائيندي چوي ٿو :

ڀور جبلن ڀنيان جبل تي ويا،
ماس جو ڍير تي ويئي بستي.

پنهنجي بيوسيءَ جو بيان بہ سهڻي/سرل نموني ۾ ڪري ٿو:

جتي چاهين اُڏائي ڇڏ، پکيڙي ڇڏ
زماني جي هوا! تو تي ڇڏيل آهي.

يا

هوا ضربيو، ويون هيرون بہ ڦٽڪائي
ڪڏهن توسان ائين پڻ ڏينهن گهاريو آ.

۽

مان تہ وڻ کان جدا ٿيل هڪ پن
ڦوڪ ڏيندين پيو آڏائيندين

حيرت ۽ مسرت جي ڳالهہ آهي تہ 'تضاد' کان وٺي 'ڇهنب ۾ ڪڪر' تائين ۽ آن بعد بہ سالن کان بہ وڌيڪ جو سفر ڪندي موهيءَ جي شاعري ڪنهن گهاٽي وڻ هيٺان ڪجهہ دير لاءِ ترسي آسائش وٺڻ جو نالو ئي نٿي وٺي.

سندس شاعريءَ جو سفر مسلسل جاري آهي. موهيءَ جو غزل جديد دؤر جو غزل بہ آهي تہ مستقبل جو بہ آهي. ها، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ موهيءَ جي پرواز جي انداز کي ڏسڻو هجي تہ آسمان کي اڃا بہ اوچو ڪرڻو پوندو.

Khemani's Collection of poems was followed by Tazad (Contradiction, 1975), a collection of new poems by Vasdev Mohi. Tazad is the most appreciated collection of poems by a single author. Hardly any adverse comment by the critics appeared. It seems that Beemar Peedhi acted as a shock-absorber and smothered the ire of the traditionalists and paved the way for the acceptance of new poetry. Mohi's poems are pure psychic automations which express the way human being really think and feel. The poems bypass reason. In fact, Mohi's poems do not know any reason and express only feeling. They associate object and men wide apart in space, time, or both.

Param Abichandani
Indian Literature: 187-Sept-Oct 1998

# موھيءَ جي غزل ۾ رديف جي نواڻ

رکيل موراڻي

مونکي اھو تہ ياد ڪونھي تہ واسديو موھيءَ جو پھريون ڪوتا ڪتاب ”صبوح ڪٿي آھي“ مونکي ڪنھن ڏنو ھئو. پر مون جڏھن اھو پڙھيو ھئو تہ مونکي ڏاڍو وڻيو ھو. ”صبوح ڪٿي آھي“ نئين ڪوتا جو ڪتاب آھي ۽ آن جي آخر ۾ ڪجھہ غزل ڏنل آھن. انھن غزلن ۾ مونکي، خيال جي، احساس جي ۽ اِظھار جي جيڪا تازگي ۽ ويچارن جي جيڪا تازي تازي خوشبوءِ محسوس ٿي ھئي آھا اڄ بہ منھنجي ذھن کي واسي رھي آھي.

ڪافي عرصو پوءِ سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ پاران واسديو موھيءَ جي غزلن تي ھڪ ويھڪ رکي ويئي. جنھن ۾ مونکي موھي جا غزل پڙھڻ جو اعزاز حاصل ٿيو ۽ اھي غزل ئي مون پڙھيا، جيڪي ”صبوح ڪٿي آھي“ ۾ موجود ھئا. ڪيترن ئي اديب دوستن موھيءَ جي غزلن جي الڳہ الڳہ پاسن تي ڳالھايو. آن ويھڪ جي تخليقي رپورٽ اڳتي ھلي جياپو رسالي ۾ شايع ٿي. اڄ جي تاريخ تائين بہ منھنجو خيال آھي تہ واسديو موھي اھڙو سنڌي ڪوتاڪار آھي، جنھن ڀارت جھڙي وشال ديش ۾ ھڪ ڏکھي روحاني جلاوطني ڀوڳي آھي. لڳندو آھي تہ موھي، پنھنجي مٽيءَ کان ڏور گھاريندڙ ھڪ اھڙي بيوس ماڻھوءَ جي حالت ۾ آھي، جنھن جي اکين ۾ تہ سڀ ڪجھہ آھي پر سندس ھٿن ۾ ڪجھہ بہ نہ آھي. جيڪا بيغراري، آتڻ، احساس محرومي، بيوسي ۽ لاچاري موھيءَ جي مجموعي شاعريءَ ۾ آھي، آھا ھن جي پنھنجي ڀوڳيل آھي. سندس شاعريءَ ۾ وجداني ڪيفيت ۾ ڀوڳيل اوپرائپ جي عذاب جو جيڪو چِٽو/تکو اظھار آھي، اھو ھن جو نجو پنھنجو آھي. ھن اھو ئي لکيو آھي، جيڪو سندس من ۾ نہ ڄاڻ ڪيترن سالن کان سانڍيل رھيو آھي ۽ ھن جي ميراث آھي.

واسديو موھيءَ جي اندر جو ”مٽڪوُ“ اھو شخص آھي جنھن جون پاڙون موھن جي دڙي ۾ ڪَٽل آھن، ھُن کي، پنھنجو گھر تہ آھي پر اھو جنھن ڌرتيءَ تي اڏيل آھي، اھا ڌرتي سندس نہ آھي، ھو ان چنتا ۾ اڌ صديءَ کان لڳاتار آھي تہ سندس ٽڙيل ۽ ڦولدار وڻ جون پاڙون ڪٿي آھن؟ ۽ انھن پاڙن جي تلاش سندس وار اڇا ڪري ڇڏيا آھن، جنھن ڪري ھو ھاڻ پنھنجو مستقبل پنھنجي پوٽي جي اکين ۾ ڏسڻ لڳو آھي.

واسديو موھيءَ جي غزلن جي ٻولي، موضوع، خيال جي نرالپ تہ پنھنجي جڳھہ تي اھم آھي ئي، پر ھُن جي غزلن ۾ آيل تشبيھون، لفظن جي چونڊ

لفظ جي شڪتي اننت آهي، بشرطيڪ لفظن ذريعي آها شڪتي ظاهر ڪرڻ جي ڪلا ايندي هجي. لفظ آسانجي من، ڪلپنا ۽ انيوُتيءَ تي اثر وجهن ٿا. شاعريءَ ۾ 'وينجنا' لفظ جي آها شڪتي آهي جنهن ۾ لفظ جو رواجي ارٿ بدران ٻيو خاص مطلب نڪري ٿو ۽ آهو خاص مطلب شعر کي وڌيڪ دلڪش بڻائي ٿو. هن مجموعي ۾ موهيءَ 'وينجنا' جو خوُب اِستعمال ڪيو آهي. ڪي مثال :

ڪيئي موتي ڇُهي وٺي ڏرتي،
ڪوڏرون جٺن هلن تکي آس ۾. (صفحو ۴)

مصرع اول پڙهڻ سان پاٺڪ منجهندو چوندو ته موتي ته ٺوس ٿيندو آهي آهو ڀَهي سگهجي ٿو. ڌرتي ڇهي ڪئن سگهندي؟ پوءِ ثاني سٽ پڙهڻ سان سمجهي ويندو ته شاعر پگهر جي ڦڙي کي موتي چيو آهي. ان ڪانپوءِ سندس مکه مان ازخود واهه واهه نڪري ويندي. اِهو ئي وينجنا جو چمتڪار آهي. هاڻي اَچو ته ڪي ٻيا شعر ڏسون. جن ۾ وينجنا سان گڏ طعنه زني به آهي. موهي طعنه زني (Irony) ۾ ماهر آهي.

توکي هر چيز رنگين لڳندي ضرور،
صرف پهراڻ نمڪين پائي اَچجه. (صفحو ١٩)

عام طور سهڻي شخص کي نمڪين چيو ويندو آهي. هتي به نمڪين جو ارٿ سهڻو آهي.

پيڙ ۾ تنهنجو چهرو نه ڳم ٿي وڃي،
تون چپن تي الف بي سجائي اَچجه (صفحو ١٩)

شاعر سنڌي ٻولي نه چئي الف بي چيو آهي. ان سان شعر جي سونهن وڌي ويئي آهي.

توسان گڏجڻ جو هو اَجا احساس،
ٻڪ مان پاڻي ڦڙو ڦڙو ٿي وهيو. (صفحو ٣٩)

شعر جي ثاني سٽ ۾ پاڻيءَ جو اَرٿ پاڻي نه پر وقت آهي ۽ ڦڙوڦڙو جو ارٿ گهڙيون ۽ پل آهن.

موهيءَ غزلن ۾ وينجنا جو استعمال ٽپ ٽپ تي ڪيو آهي. ڪئين مثال ڏئي سگهجن ٿا.

# 'موهيءَ جي ڪوتا : هِڪُ ذائقو'

## موهن همٿاڻي

زندگي چند سوال/ چند عجب/... تہ ٿي سگهي ٿي، پر شايد 'فل اِسٽاپ' ڪڏهن نہ ٿي سگهندي. رفتار ۽ تبديليءَ سان ئي زندگي آهي. ٻيءَ حالت ۾ آها نرجيو آهي ۽ نرجيوتا ڪڏهن بہ سک ڏيندڙ نہ هوندي آهي جيڪو ڪنهن بہ فنڪار يا فن لطيفيءَ جو مقصد بلڪ آخرين مقصد هئڻ گهرجي پوءِ ڀلي زندگي ڪيترن ئي مشڪلاتن، دکن ۽ تضادن سان ڇو نہ ڀريل هجي. مان پنهنجي ڳالهہ موهيءَ جي نئين ڪوتا جي پهرئين مجموعي 'تضاد' سان ئي شروع ڪندس. هونءَ تہ زندگي تضادن سان ڀريل آهي پر اِها ميٽتا ڪٿي هلڻ تہ نئين ڪوتا/ نثري نظم هرويرو روايت خلاف بغاوت آهي يا آستا جي ضِد ۾ اناستا جو اِظهار آهي ڪي قدر صحيح نہ آهي. تهائين نئين ڪوتا شخصي طور مونکي آنهن روايتن، قدرن، ماڻن-ماپن کي برقرار رکڻ لاءِ هڪ جدوجهد ۽ تحرڪ طور لڳندي آهي جن تي زندگيءَ جو وڏو دارومدار آهي. حالانڪ مان پنهنجي ذهين دوست واسديو موهيءَ جي اِن بيان سان ڪي قدر شامل رايہ آهيان پر پوريءَ طرح نہ، تہ 'بدليل يڳ ٻوڌ ڪارڻ 'رس' ڪنهن بہ تخليقي (Creative) ادب جو مقصد نہ رهيو آهي. 'جيڪڏهن يڳ/دؤر بدلجي ٿو تہ آن دؤر جون تقاضائون بہ بدلجن ٿيون. هر دؤر جو ادب زندگي لاءِ نين معنائن جي تلاش ۽ آنکي جيئڻ جي قابل بڻائڻ لاءِ هڪ ڪوشش ئي آهي. جيئڻ جو مقصد، پريرڻا ۽ آتساه ڏيڻ ۾ هڪ فنڪار/ اديب جو رول اهم آهي ۽ اِنهيءَ ڪردار کي ڌيان ۾ رکندي اديب/ فنڪار کي پنهنجو مقصد وسارڻ نہ گهرجي ڀلي حالتون ڪيتريون بہ ڏکيون ڇو نہ هجن، چوطرف انڌڪار ڇو نہ هجي. انڌڪار مان ئي روشنيءَ جو آثار پئدا ٿيندو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئي سگهجي ٿو تہ بدليل يڳ ٻوڌ سبب پئدا ٿيل نئين سوچ، ماڻن-ماپن ۽ روزمره جي نون اِظهارن لاءِ هِڪ نئين سگهاري اِظهار، ترزبياني،(Form) طور نئين ڪوتا/ نثري نظم اڄ جي شاعر/ڪويءَ جو پسنديده ۽ پرڪشش ذريعو ضروري آهي پر رڳو نراشا، مايوسي، گهٽن ۽ انڌڪار جي اِظهار جو ذريعو هرگز نہ آهي.

نئين ڪوتا جي سيني کان وڏي خوبي آنجي سهجتا ئي آهي. جنهن ڪوتا ۾ سهجتا ناهي محض ڪوت-ڪوتان يا فقط ڪي ويچار ظاهر ڪيل آهن آها ڪوتا جي مقام کي ڇهي بہ ڪين سگهندي. فقط ويچار ٿي رهجي ويندي.جيڪڏهن اسان ٻين ٻولين جي سمڪالين ساهت تي نظر

# ڪويتا : يوُ آر ماءِ لَوُ

• شيام جئسنگهاڻي

هو ڦڪيت * بيچ جي هڪ رزارٽ ۾
ڪِناري سان لڳلي لڳل بار ۾
سمرن وودڪا جي ٽب ۾ ٽُب آهي
لڳيس ٿو : لهرون جهيڻو جهيڻو ڳائين ٿيون :
’يو آر ماءِ لَوُ... يو آر ماءِ لَوُ...‘

نہ، نہ، اهو وهم آهي
آواز وودڪا جي بوتل مان ٿو اَچي
هوُ بوچ ڦتو ڪري اُنجي منهن تي آڱوٺو ٿو رکي
موسيقي وڄندي ٿي رهي : ’يو آر ماءِ لَوُ...‘

اَچانڪ بادل ڦاٽن ٿا ۽ بجلي ڪڙڪي ٿي
سُنامي لهرون اونچو اُٿي بي رحميءَ سان هلان ڪن ٿيون
ڪنارا، ديوارون، موٽرون، آبادي
سڀ ڪجهہ تهس نهس ڪن ٿيون
سڄو رزارٽ ماچيسي تيلين جيان ڍهي چوُر چوُر ٿئي ٿو
هوُ ضربيل، هڏيون ڀڳل، هڪ ٽنيي هينان آهي
زندهہ آهي

هڪ هٿ ۾ ٽٽل گلاس جي شيشن جا ذرڙا چُڀيل
ٻئي هٿ پاسي ڇڏائجي ويل بوتل
سندس باقي هوش بہ گم ٿي رهيو آهي
خالي بوتل مان آواز - جهيڻو آواز :
يوُ آر ماءِ لَوُ
يوُ آر ماءِ لَوُ...

•••

* ٿائلئنڊ

